ABC CARTL.
جمهوري سوچ جي ترجمان
Daily AWAMI SOACH Karachi
روزاني عوامي سوچ ڪراچي
چيف ايڊيٽر: حاجي محمد حنيف ميمڻ
ايڊيٽر: سيد گل شاه
جلد 16 | اڱارو 28 اپريل 2026ع بمطابق 10 ذوالقعد 1447هه | قيمت: 20 | شمارو 202

پاڪستان ۽ چين جي وچ ۾ سمنڊ جي پاڻي کي واپرائڻ جوڳو بنائڻ سميت 3 معاهدن تي صحيحون

جي صوبي هونان جي شهر چانگشا ۾ ايم او يوز تي صحيحن واري تقريب منعقد ٿي. صدر آصف علي زرداري خصوصي طور تي تقريب ۾ شرڪت ڪئي

سنڌ جي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ ۽ اوشيئن انوائرمنٽل ٽيڪنالاجي گروپ جي پارٽي برانچ جي سيڪريٽري ۽ چيئرمين يوهوئي صحيحون ڪيون

ٻيو ٺاهه سنڌ جي بلديات کاتي ۽ لانگ پن هاءِ ٽيڪ انفارميشن ڪمپني جي وچ ۾ زرعي ٽيڪنالاجي ۾ تعاون جي لاءِ طئي ٿيو

ٺاهه تي سنڌ جي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ ۽ چيني ڪمپني پاران چيئرمين چن زي شين صحيحون ڪيون

ٽئين مفاهمتي يادداشت چانهه جي شعبي بابت آهي جيڪا مسڪي اينڊ فيمٽي ٽريڊنگ ڪمپني، هونان ٽي گروپ ۽ جيالونگ انٽرنيشنل ٽيڪنالاجي (هينان) جي وچ ۾ طئي ٿي

هونان ٽي گروپ جي پارٽي سيڪريٽري ۽ چيئرمين زوچونگ وانگ ۽ هينان جيالونگ انٽرنيشنل ٽريڊ ٽيڪنالاجي جي چيئرمين هائو جيالونگ صحيحون ڪيون

چانگشا (م د) پاڪستان ۽ چين جي وچ ۾ سامونڊي پاڻي کي استعمال جوڳو بڻائڻ، زرعي ٽيڪنالاجي ۽ چانهه جي شعبي ۾ تعاون جي ٽن مفاهمتي يادداشتن تي صحيحون ڪيون ويون جنهن ۾ صدر آصف علي زرداري خصوصي طور تي شرڪت ڪئي. ايوان صدر جي پريس ونگ پاران جاري بيان موجب چين جي صوبي هونان جي شهر چانگشا ۾ ايم او يوز تي صحيحن واري تقريب/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر19

چانگشا: صدر آصف علي زرداري جي اڳواڻي ۾ چين ۽ پاڪستان ۾ ٽيل معاهدي بعد صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ ۽ چيني وزير صحيحيون ڪندي

جاپان ۾ 6.1 جي شدت جو زلزلو، سونامي وارننگ جاري ناهي ڪئي وئي

ٽوڪيو (م د) جاپان جي اترئين بيٽ هوڪائيڊو ۾ سومر ڏينهن صبح جو 6.1 جي شدت جو زلزلو رڪارڊ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر20

چاڊ ۾ فرقيوارانه ٽيون چڪريون، 42 ڄڻا قتل

يائونڊي (م د) وچ آفريقي ملڪ چاڊ جي اوڀر صوبي وادي فيرا جي ڳوٺ آيگوٽي ۾ فرقيوارانه چڪرين/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر21

ايران آبنائي هرمز کولڻ ۽ جاري جنگ جي خاتمي لاءِ آمريڪا کي نيون شرطون پيش ڪري ڇڏيون

اها ڳالهه هڪ آمريڪي عهديدار ۽ معاملي کان واقف ٻين ذريعن جي حوالي سان سامهون آئي آهي ايران تجويز ڏني آهي ته پهرين مرحلي ۾ آبنائي هرمز کي ٻيهر کوليو ويندو ۽ جنگبندي جي طرف اڳڀرائي ڪئي ويندي

ايٽمي ڳالهين کان پوءِ جي مرحلي تائين ملتوي رکيو ويندي ايران اهو پيغام پاڪستان جي ذريعي ثالثي جي طور تي آمريڪا تائين پهچايو

جيڪڏهن آبنائي هرمز کولڻ ۽ ايراني بندرگاهن تي آمريڪي ناڪابندي ختم ڪرڻ جو معاهدو طئي ٿي وڃي ٿو ته آمريڪي صدر ٽرمپ وٽ ايران تي دٻاءُ وجهڻ جي لاءِ محدود آپشنز رهجي ويندا

خاص طور تي يورينيم کي هٽي ڏيڻ جي حوالي سان اڳڀرائي نه ٿي سگهندي، آمريڪا چاهي ٿو ته ايران گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڏهاڪي جي لاءِ يورينيم جي تياري معطل ڪري

ايران جي نئين تجويز ۾ انهي معاملي کي فوري طور تي شامل ناهي ڪيو ويو جنهن سان ڳالهيون وڌيڪ ڏکيون ٿي سگهن ٿيون

اها اڳڀرائي اهڙي وقت ۾ سامهون آئي آهي جڏهن عرب خطي ۾ ڇڪتاڻ عروج تي آهي ۽ عالمي معيشت تي انهي جا اثر وڌي رهيا آهن

تهران (م د) ايران آبنائي هرمز کولڻ ۽ جاري جنگ جي خاتمي لاءِ آمريڪا کي نيون شرطون پيش ڪري ڇڏيون آهن. آمريڪي خبرون ڏيندڙ اداري ايڪزيوس جي رپورٽ موجب اها ڳالهه هڪ آمريڪي عهديدار ۽ معاملي کان واقف ٻين ذريعن جي حوالي سان سامهون آئي آهي. رپورٽ موجب ايران تجويز ڏني آهي ته پهرين مرحلي ۾ آبنائي هرمز کي ٻيهر کوليو ويندو ۽ جنگبندي جي طرف اڳڀرائي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر1

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف اجلاس جي صدارت ڪندي

انگور اڏه زلول خيل ۾ افغان اشتعال انگيزي، پاڪ فوج جي جوابي ڪارروائي، ڪيترين ئي افغان پوسٽون تباهه

افغان طالبان طرفان سول آبادي کي نشانو بڻائڻ تي پاڪ فوج جي جوابي ڪارروائي ۾ ڪيترين ئي افغان پوسٽن کي تباهه ڪيو ويو

پاڪ فوج جي بروقت ۽ چوڪس ڪارروائي سبب فتنه الخوارج جي دراندازي جون سموريون ڪوششون ناڪام بڻايون ويون

فتنه الخوارج جي دراندازي ۾ ناڪامي کان پوءِ افغان طالبان سول آبادي کي نشانو بڻايو ويو

راولپنڊي (م د) ڏکڻ وزيرستان جي علائقي زلول خيل انگور اڏه ۾ افغان طالبان جي فائرنگ، پاڪ فوج /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر2

حق جي ويڙهه جي هيرو ليفٽيننٽ محمد بلال نديم جي زبردست جنگي ڪارڪردگيءَ جي داستان

حق جي ويڙهه دوران ليفٽيننٽ محمد بلال نديم آرٽلري آبزرور جي ڊيوٽي سرانجام ڏئي رهيو هو

بهادريءَ سان آبزرويشن پوسٽ تان پنهنجي يونٽ جي فائر جي نگراني ڪندو رهيو، سنڌس يونٽ جي زبردست گولا باري سان دشمن کي وڏو نقصان پهتو

اسلام آباد (بيورو) معرڪ حق جي هيرو ۽ تمغه بسالت/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر22

صدر آصف علي زرداري پاران ڏکڻ آفريڪا جي قيادت کي سنڌن قومي ڏينهن تي مبارڪباد

پاڪستان ڏکڻ آفريڪا سان پنهنجي دوستاڻن لاڳاپن کي تمام گهڻي اهميت ڏئي ٿو: صدر

هن ان عزم کي ورجايو ته ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ موجوده لاڳاپا مستقبل ۾ وڌيڪ مضبوط ٿيندا

اسلام آباد (بيورو) صدر آصف علي زرداري ڏکڻ آفريڪا جي قيادت کي سنڌن قومي ڏينهن تي مبارڪباد ڏيندي چيو ته پاڪستان ڏکڻ آفريڪا سان/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر24

چين ۾ قومي يوم مئي جي موقعي تي 3024 ماڻهن کي ليبر ميڊل سان نوازيو ويندو

بيجنگ (م د) چين ۾ پورهيتن جي عالمي ڏهاڙي (قومي يوم مئي) جي موقعي تي 3024/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر23

وزيراعظم جو ايس اين جي پي ايل جي خلاف پيپرا قائدن جي ڀڃڪڙي شڪايت جو نوٽس معاملي جي جاچ جي هدايت

سئي ناردن گئس پائپ لائن لميٽيڊ جي خلاف پيپرا قائدن جي ڀڃڪڙي جي شڪايت جو نوٽس وٺندي لاڳاپيل عملدارن کي جاچ جي هدايت ڪئي

ٽرانسپرينسي شڪايت تي شفاف جاچ ڪئي وڃي ۽ شڪايت جي تصديق جي صورت ۾ ذميدارن جي خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي

اسلام آباد (بيورو) وزيراعظم شهباز شريف ٽرانسپرنسر/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر25

بشريٰ بي بي جي 29 ڪيسن ۾ عارضي ضمانت ۾ واڌ

بشريٰ بي بي پنهنجي وڪيل فيصل ملڪ ۽ قانوني ٽيم سان گڏ عدالت ۾ پيش ٿي

ڪراچي (رپورٽر) دهشتگردي جي خاتمي واري عدالت 26 نومبر جي احتجاج سان لاڳاپيل 29 ڪيسن ۾ بشريٰ بي بي جي عبوري ضمانت ۾ 18 /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر18

وزيراعظم شهباز شريف ۽ فيلڊ مارشل جو جنگ جي خاتمي ۾ ڪردار تعريف جوڳو آهي: ايراني سفير

ايراني پرڏيهي وزير عباس عراقچي جي پاڪستان جي دوري تي اسلام آباد ۾ ايراني سفير رضا اميري مقدم حڪومت پاڪستان، پاڪ فوج ۽ عوام جو ٿورو ادا ڪيو

ايراني سفير وزيراعظم شهباز شريف ۽ فيلڊ مارشل عاصم منير جي اڳواڻي ۾ امن ڪوششن جي تعريف ڪئي

اسلام آباد (بيورو) پاڪستان ۾ ايراني سفير رضا اميري مقدم وزيراعظم شهباز شريف ۽ فيلڊ م/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر3

دبئي: پاڪستاني سفير شفقت علي خان کي تقريب ۾ گلدستو ڏنو پيو وڃي

اسلام آباد: وفاقي وزير مصدق ملڪ اجلاس جي صدارت ڪندي

امن ڳالهين، آمريڪا جي حد کان وڌيڪ مطالبن سبب مقصد حاصل نه ٿي سگهيا آهن: ايراني پرڏيهي وزير

ايران هرمز جي آبنائي کي ٻيهر کولڻ ۽ جنگ ختم ڪرڻ لاءِ پاڪستاني ثالثن ذريعي آمريڪا کي نوان تجويزون پيش ڪيون آهن

ايران هرمز کي کولڻ، بندش ختم ڪرڻ ۽ معاهدي لاءِ ايٽمي مسئلي کي بعد جي مرحلي تائين ملتوي ڪرڻ لاءِ آمريڪا کي تجويزون پيش ڪيون آهن

صدر ٽرمپ اڄ نئين ايراني تجويزن جي حوالي سان اعليٰ عملدارن سان ملاقات ڪندو، جنهن ۾ مستقبل جو طريقو طئي ڪيو ويندو. آمريڪا سان ڳالهين ۾ اڳڀرائي ٿي پر هنن جا حد کان وڌيڪ مطالبا رڪاوٽ آهن

واشنگٽن (م د) آمريڪي ميڊيا آئوٽ ليٽ ايڪسيوس جي هڪ رپورٽ موجب، ايران هرمز جي آبنائي کي ٻيهر کولڻ ۽ جنگ ختم ڪرڻ لاءِ پاڪستاني ثالثن ذريعي آمريڪا کي نوان تجويزون پيش ڪيون آهن. آمريڪي ميڊيا، آمريڪي عملدارن ۽ معاملي کان واقف ذريعن جو حوالو ڏيندي چيو آهي ته ايران هرمز کي کولڻ، بندش/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر17

پهلگام فالس فليگ، اڻ تصديق ٿيل دعوائن ڀارتي ميڊيا جا پول کولي ڇڏيا

پهلگام ڊرامي کان پوءِ ڀارتي ميڊيا پيشيوراڻي قدرن کي پُوئتي ڌڪيندي صحافت بدران مودي سرڪار جي جنگي ترجمان جو ڪردار ادا ڪيو

ڀارتي ميڊيا پنهنجي نشريات ذريعي مسلسل جنگي جنون کي هوا ڏيندي ڪوڙين خبرن ذريعي پنهنجي عوام کي گمراهه ڪندو رهيو

پهلگام فالس فليگ کانپوءِ ريپبلڪ ٽي وي جي اينڪر ارنب گوسوامي ڀارتي حڪومت کي جنگ لاءِ اُڪسائيندي پاڪستان کي غزه بڻائڻ جو مطالبو

اسلام آباد (بيورو) پهلگام فالس فليگ کانپوءِ ڀارتي ميڊيا طرفان پاڪستان مخالف پروپيگنڊا فقط هٽ ڌرمي بيانيي کي هٽي ڏيڻ جي ناڪام ۽ شرمناڪ ڪوشش هئي. پهلگام ڊرامي کان پوءِ ڀارتي ميڊيا پيشيوراڻي قدرن کي پُوئتي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر4

جيڪب آباد: سنڌ جو وڏو وزير مير اعجاز حسين جکراڻي جي پٽ تي تعزيت جو اظهار ڪندي

پاسپورٽ ڪنٽرول لسٽ ۾ نالا شامل ڪرڻ جو سرڪاري اختيار بحال

ڪيس جي ٻڌڻي جسٽس حسن اظهر رضوي جي سربراهي ۾ ٻه رڪني بينچ ڪئي

شهرين جا نالا پاسپورٽ ڪنٽرول لسٽ ۾ شامل ڪرڻ ۽ انهن جي پاسپورٽ کي غير فعال ڪرڻ جو قانوني اختيار ٻيهر حاصل ٿي ويو

عدالت هن حوالي سان لاهور هاءِ ڪورٽ جي اڳوڻي فيصلي کي معطل ڪري ڇڏيو آهي

اسلام آباد (بيورو) هڪ اهم فيصلي ۾، وفاقي آئيني عدالت پاسپورٽ ۽ اميگريشن رولز جي انهن شقن کي بحال ڪندي حڪومت کي وڏو رليف ڏنو آهي جيڪي اڳ ۾ ڪالعدم قرار ڏنيون ويون هيون. ڪيس جي ٻڌڻي جسٽس حسن اظهر/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر26

اسٽيٽ بينڪ جو مانيٽري پاليسي اجلاس اڄ ٿيندو

اجلاس ۾ افراط زر ۽ تيل جي قيمتن سان لاڳاپيل پاليسي جو جائزو ورتو ويندو

پاليسي جو جائزو آءِ ايم ايف جي مطالبن جي تناظر ۾ پڻ ورتو ويندو

ڪراچي (رپورٽر) اسٽيٽ بينڪ جي مالي پاليسي جو اجلاس اڄ ٿيندو، اجلاس ۾ افراط زر ۽ تيل جي قيمتن سان لاڳاپيل پاليسي جو جائزو ورتو و/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر16

لبيا ۾ چونڊون منعقد ڪرڻ تي اڳڀرائي، وزيراعظم ۽ گڏيل قومن جي نمائندن جي اهم ملاقات

گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل جي خصوصي نمائندي وزيراعظم کي گڏيل قومن جي حمايت سان تيار ڪيل منصوبي تي بريفنگ ڏني

تازو "مني ڊائيلاگ" ان روڊ ميپ جي پهرين مرحلي جو حصو آهي جنهن ۾ چونڊ قانون کي حتمي شڪل ڏيڻ ۽ هاءِ نيشنل ڪميشن جي بورڊ جي جوڙجڪ شامل آهي

وزيراعظم ان عزم جو ورجاءُ ڪيو ته سندس حڪومت اهڙن عملي قدمن جي حمايت جاري رکندي جيڪي ملڪ کي "سويلين رياست" طرف کڻي وڃن

طرابلس (م د) لبيا جي وزيراعظم گڏيل قومن جي نمائندي سان ملاقات ۾ ملڪ جي ڏکهي عرصي کان التوا جو شڪار قومي چونڊون منعقد ڪرڻ لاءِ روڊ ميپ تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي. پرڏيهي ميڊيا مطابق حڪومتي ذريعن ٻڌايو ته گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل جي خصوصي نمائندي وزيراعظم کي گڏيل قومن جي حمايت سان تيار ڪيل منصوبي تي بريفنگ ڏني، جنهن جو م/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر5

اعليٰ تعليم کي فروغ، تحقيق ۽ جدت کي هٿي ڏيڻ ترقي جي ضمانت آهي: يوسف رضا گيلاني

قائم مقام صدر سيد يوسف رضا گيلاني سان لاهور ۾ مختلف يونيورسٽين جي وائيس چانسلرز ملاقات ڪئي

يونيورسٽي آف ويٽرنري اينڊ اينيمل سائنسز لاهور جو وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر مسعود رباني شامل هئا

يوسف رضا گيلاني سان ملاقات ۾ اعليٰ تعليم، تعليمي معيار، ادارتي ترقي ۽ يونيورسٽين کي درپيش مسئلن تي تفصيلي بحث ڪيو ويو

لاهور (م د) قائم مقام صدر سيد يوسف رضا گيلاني چيو آهي ته اعليٰ تعليم کي فروغ ڏيڻ، تحقيق ۽ جدت کي هٿي ڏيڻ ترقي جي ضمانت آهي. قائم مقام صدر سيد يوسف رضا گيلاني سان لاهور ۾ مختلف يونيورسٽين جي وائيس چانسل/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر27

ڪراچي ۾ عيسيٰ نگري ۾ مبينا پوليس مقابلي ۾ نوجوان مارجي ويو

فوٽيج ۾ نوجوان کي روڊ تي فائرنگ ڪندي ڏٺو ويو آهي ۽ پوءِ پوليس آفيسر اچي رهيا آهن

گذريل ڏينهن عيسيٰ نگري ويجهو هڪ مبينا پوليس مقابلي ۾ حماد نالي هڪ نوجوان مارجي ويو

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي عيسيٰ نگري علائقي ۾ گذريل ڏينهن هڪ مبينا پوليس مقابلي ۾ هڪ نوجوان جي مارجي وڃڻ جي واقعي ج/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر15

جي ايس ايم يو ۾ عالمي صحت ۽ فلاح جي ڏينهن تي ويلنيس سينٽر جو افتتاح

سڄي يونيورسٽي ۾ ويلنيس عهد (Wellness Pledge) جي شروعات ڪئي هن قدمن جي اڳواڻي ممتاز قومي پروفيسر ڊاڪٽر ايم اقبال آفريدي ڪئي

جيڪا انٽرنل ميڊيسن انٽرسٽ گروپ (SMC_JSMU) جي سهڪار سان منعقد ڪئي وئي

اڄ جي تيز رفتار دنيا ۾، خاص طور تي طب جي شعبي ۾، ذهني دٻاءُ کي معمول سمجهيو وڃي ٿو: اقبال آفريدي

برن آئوٽ کي نظرانداز ڪيو وڃي ٿو ۽ ٿڪاوٽ کي اڪثر خاموشي سان برداشت ڪيو وڃي ٿو

ڪراچي (رپورٽر) طبي تعليم ۾ وڌندڙ ذهني دٻاءُ ۽ ٿڪاوٽ (برن آئوٽ) جي خاموش بحران کي منهن ڏيڻ لاءِ، جناح سنڌ ميڊيڪل يونيورسٽي (JSMU) اڄ عالمي صحت ۽ فلاح جي ڏينهن 2026 جي موقعي تي جي ايس ايم يو هيلٿ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر6

ڪراچي ۾ معصوم ٻارڙي پاڻي جي ٽينڪي ۾ ڪري فوت

جتي هڪ نوجوان ڇوڪري پنهنجي گهر ۾ زيرزمين پاڻي جي ٽينڪ ۾ ڪري فوت ٿي وئي

واقعو پيري سنڌي ڳوٺ در محمد ڳوٺ ۾ ناد علي امام بارگاهه جي ويجهو پيش آيو

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي بن قاسم ٽائون علائقي ۾ هڪ افسوسناڪ واقعو پيش آيو جتي هڪ نوجوان ڇوڪري پنهنجي گهر ۾ زيرزمين پاڻ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر29

يورپي يونين جو ايڪٽ سيڙپڪاري ۾ رڪاوٽ ۽ اڻبرابري وارو سلوڪ قرار، چين پاران سخت ڳڻتي جو اظهار

بيجنگ (م د) چين جي پرڏيهي وزارت يورپي يونين جي صنعتي ايڪٽ کي پرڏيهي سيڙپڪار/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر28

شهر قائد ۾ ٽريفڪ حادثي ۾ موٽرسائيڪل سوار فوت

حادثو نارٿ ناظم آباد بلاڪ ايل ۾ هڪ تيز رفتار موٽرسائيڪل پٽ سان ٽڪرائجي ويو

فوت ٿيل جي سڃاڻپ وليد جي نالي سان ٿي آهي

ڪراچي (رپورٽر) شهر قائد ۾ ٽريفڪ حادثي ۾ هڪ موٽرسائيڪل سوار فوت ٿي ويو، حادثو نارٿ ناظم آباد بلاڪ ايل ۾ هڪ تيز رفتار موٽرسائي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر14

عالمي مارڪيٽ ۾ ڪچي تيل جي قيمتن ۾ واڌ

اسلام آباد (بيورو) عالمي مارڪيٽ ۾ گذريل ڏينهن ڪچي تيل جي قيمتن ۾ واڌ جو رج/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر7

لاهور: وزيراعلي پنجاب مريم نواز شريف اجلاس جي صدارت ڪندي

ڪروڙين رپين جي ڊيزل اسمگلنگ ناڪام، جوابدار گرفتار

گرفتار جوابدار مزدا ٽرڪن ۾ لڳل خفيه اضافي ٽينڪن ذريعي ڊيزل اسمگل ڪري رهيا هئا

چيڪنگ دوران 2 ٽرڪون ضبط ڪيون ويون ۽ 3 جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو

ڪراچي (رپورٽر) منگهو پير پوليس لکين رپين جي ڊيزل جي اسمگلنگ کي ناڪام بڻائي ڇڏيو ۽ جوابدار کي گرفتار ڪيو پوليس موجب گرفتار جوابدار/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر13

درياهن ۽ آبي ذخيرن ۾ پاڻي جي آمد ۽ ڇوڙ جا انگ اکر جاري

اسلام آباد (بيورو) واپڊا ملڪي درياهن ۽ آبي ذخيرن ۾ پاڻي جي آمد ۽ ڇوڙ جا انگ اکر جا/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر8

ڪراچي پوليس هٿان 10 شڪي جوابدار گرفتار

انهن جي قبضي مان هٿيار، نقد رقم ۽ منشيات هٿ ڪري ورتي

شڪي ماڻهن کان هٿيار، چوري ٿيل سامان ۽ نقد رقم هٿ ڪئي وئي

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ آپريشن ۽ مقابلن کان پوءِ پوليس 10 شڪي ماڻهن کي گرفتار ڪري ورتو، جن ۾ پنج زخمي به شامل/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر10

رينجرز جي ڪارروائي، قادري گينگ جا 3 جوابدار گرفتار

قادر ۽ سنڌس ٽولي ليارِي، گارڊن، سي ويو ۽ ملير سميت مختلف علائقن ۾ ٿيندڙ واقعن ۾ ملوث هئا

جوابدارن انڪشاف ڪيو آهي ته انهن 70 کان وڌيڪ موٽرسائيڪلون ۽ 250 موبائل فون ڦريا آهن

ڪراچي (رپورٽر) رينجرز ڪراچي جي علائقي ليارِي ۾ ڪارروائي دوران قادري گينگ جي ٽن جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو رينجرز ترجمان موج/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر12

آسٽريليا ۾ منعقد ٿيندڙ عالمي واپاري نمائش ۾ شرڪت لاءِ درخواستون 5 مئي تائين طلب

اسلام آباد (بيورو) ٽريڊ ڊولپمينٽ اٿارٽي پاڪستان (ٽي ڊي اي پي) چيو آهي ته آسٽريليا/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر9

لاهور: صوبائي وزير اطلاعات عظمي بخاري پريس ڪانفرنس ڪندي

آمريڪي فوج پاران اوڀر ماني سمنڊ ۾ ڪارروائي، مبينه منشيات بردار ٻيڙي تي حملو، 3 ڄڻا مارجي ويا

آمريڪي سدرن ڪمانڊ مطابق اها ڪارروائي هڪ اهڙي ٻيڙي خلاف ڪئي وئي جيڪا منشيات جي اسمگلنگ لاءِ استعمال ٿي رهي هئي

ٻيڙي کي "نامزد دهشتگرد تنظيمن" جي استعمال هيٺ ٻڌايو ويو هو بيان مطابق ان آپريشن دوران ڪنهن به آمريڪي فوجي کي نقصان ناهي پهتو

خطي ۾ منشيات جي اسمگلنگ خلاف ڪارروايون جاري آهن: آمريڪي سدرن ڪمانڊ

واشنگٽن (م د) آمريڪي فوج اوڀر ماني سمنڊ ۾ مبينه طور منشيات اسمگلنگ ۾ ملوث ٻيڙي کي نشانو بڻايو، جنهن جي نتيجي ۾ 3 ماڻهو مارجي ويا. پرڏيهي ميڊيا مطابق آمريڪي سدرن ڪمانڊ مطابق اها ڪارروائي هڪ اهڙي ٻيڙي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر11

جمهوري سوچ جي ترجمان
Daily AWAMI SOACH Karachi
روزاني عوامي سوچ ڪراچي
چيف ايگزيڪيوٽو : سيد شفقت حسين شاهہ شيرازي
اڱارو 28 اپريل 2026 ع بمطابق 10 ذوالقعد 1447هہ

"پي سي اسڪول جي عمارت سان گڏ خواب بہ چڪنا چور ٿي ويا ؟ ذميوار ڪير ؟"

نظام الدين مشوري بلوچ

مٿياڻي جي مٽيءَ ۾ اڄ بہ علم جي خوشبو سمايل آهي، پر افسوس جو انهي خوشبوءَ جي وچ ۾ هڪ اهڙو درد بہ لڪل آهي، جيڪو هر باشعور انسان جي دل کي لوڏي ڇڏي ٿو قديمي پي سي اسڪول، جيڪو ڪنهن زماني ۾ علم جو مينار هو، اڄ رولڙي جو شڪار بڻجي، پنهنجي وجود لاءِ سڏڪا ڪري رهيو آهي. سوال اهو ناهي تہ عمارت ڇو ڊهي پئي، سوال اهو آهي تہ ڇا اسان جا خواب بہ انهي سان گڏ ڊهي رهيا آهن؟ هي اسڪول پاڪستان جي آزادي کان اڳ جو قائم ٿيل ادارو هو، جتي ست سؤ کان اٺ سؤ تائين ٻارڙا علم جي روشني سان پنهنجو مستقبل روشن ڪندا هئا. پنجويهہ کان وڌيڪ استاد، پنهنجو فرض نڀائيندي، نسلن کي سنوارڻ ۾ مصروف هوندا هئا. اهو صرف هڪ اسڪول نہ هو، پر هڪ درسگاهہ، هڪ اميد، ۽ هڪ روشن سياڻي جي ضمانت هو. وقت گذرندو ويو، پر سنڀال نہ ٿي. واڻڪي عمارت، جيڪا ڪڏهن مضبوط ارادن جي علامت هئي، آهستي آهستي زبون حاليءَ جو شڪار ٿيندي وئي. اڄ حال اهو آهي جو اسڪول جي جاءِ تي خاموشي آهي، ديوارون ٽٽل آهن، ۽ دروازا پنهنجي بيبسي جو داستان ٻڌائي رهيا آهن . تعليم جو سلسلو تہ جاري آهي، پر ڪهڙي حالت ۾؟ ٻارڙا، جيڪي اسڪول جي کليل ميدانن ۾ ڪيڏندي سڪندا هئا، اڄ ايليمينٽري ڪاليج مٿياڻي جي هاسٽل جي ٻئين ۽ ٽئين فلور تي ويهي تعليم حاصل ڪرڻ تي مجبور آهن. نہ مناسب ڪلاس روم، نہ راند جو ميدان، نہ ئي اهو ماحول، جيڪو سکيا لاءِ ضروري آهي. ڇا اهوئي آهي اسان جي مستقبل جي معمارن لاءِ بندوبست؟سوچڻ جي ڳالهہ اها آهي تہ جتي هڪ وقت ۾ گورنمينٽ ايليمينٽري ٽيچرس ٽريننگ ڪاليج جا سوين شاگرد استاد بڻجڻ جي تربيت وٺندا هئا، اجتماعي ليسن ذريعي ٻارڙن جي صلاحيتن کي نکاريندا هئا، اڄ اتي خاموشي ڇو آهي؟ ڇا اسان وٽ وسيلن جي کوٽ آهي يا ارادن جي؟ هي رڳو هڪ عمارت جو مسئلو ناهي، هي نسلن جي مستقبل جو سوال آهي. جڏهن هڪ اسڪول ڊهي ٿو، تڏهن صرف سرون نہ، پر خواب بہ ٽٽندا آهن. جڏهن ٻارڙن کي مناسب ماحول نٿو ملي، تڏهن انهن جي صلاحيتن تي بہ اثر پوي ٿو.ضرورت ان ڳالهہ جي آهي تہ لاڳاپيل اختيارين، چونڊيل نمائندن، ۽ سماج جي باشعور ماڻهن کي گڏجي هن مسئلي کي سنجيدگي سان وٺڻ گهرجي. پي سي اسڪول جي بحالي صرف هڪ تعميراتي ڪم ناهي، پر اهو هڪ فرض آهي—هڪ امانت آهي، جيڪا اسان کي ايندڙ نسلن لاءِ سنڀالڻي آهي جيڪڏهن اڄ بہ اسان خاموش رهياسين، تہ شايد سياڻي اسان وٽ افسوس کانسواءِ ڪجهہ بہ نہ بچندو. اچو تہ گڏجي آواز اٿاريون، تہ جيئن مٿياڻي جو اهو علمي مينار ٻيهر پنهنجي شان سان بيهي سگهي، ۽ اسان جا ٻار ٻيهر روشن مستقبل جا خواب ڏسي سگهن.ڇو تہ.. ديوارون ٻيهر ٺهي سگهن ٿيون، پر ٽٽل خواب ٻيهر ٺاهڻ ڏکيو هوندو آهي.

انا ۽ ڪاميابين جي وچ ۾ سنهي وٿي

محمد احسان لغاري

ڪجهہ ماڻهو بيحد محنت ڪندا آهن. اهي پنهنجي ٽيمن، تنظيمن ۽ ادارن لاءِ اهم نتيجا حاصل ڪندا آهن. عزت، ترقيون ۽ واکاڻ سندن هٿ وس ٿي وينديون آهن. هو "چيمپيئن" ٿي سامهون ايندا آهن: اهڙا قابل ۽ ماهر فرد جن تي ادارا ڀاڙيندا آهن: ۽ جيڪي هر شيءِ جو بار پنهنجي ڪلهن تي کڻندا آهن. پر اڪثر ڪري، انهن چيمپيئن جا فائدا انهن جي پيدا ڪيل ناڪاري اثرن جي ڀيٽ ۾ گهٽ هوندا آهن. جيتوڻيڪ اهي پاڻ سر، اڪيلو ڪم سرانجام ڏيندا آهن، پر انهن جو رويو اداري جي مجموعي واڌ ويجهہ ۽ ٻين جي صلاحيتن کي سخت نقصان پهچائيندو آهي. چاڪاڻ تہ اهي ڇڏڻ وقت سڀ ڪجهہ پاڻ سان کڻي وڃن ٿا ۽ سندن لاڳاپيل شعبو ويهجي رهندو آهي. اهي بظاهر پيا چوندا آهن تہ اهي تہ ٽيم پليئر آهن يا ايندڙ نسل کي تيار ڪري رهيا آهن. "پر آدا! نوجوان ڪم ڪرڻ لاءِ تيار ئي ناهن" حقيقت ۾، سندن آس پاس ڪو بہ ننڍو يا نئون ماڻهو اڳتي وڌي نہ سگهندو آهي ان جي ٽيم ڀاران ڪيل ننڍا پر اهم ڪم نظرانداز ڪيا ويندا آهن. ڪڏهن ڪڏهن اهي چيمپيئن خاموشي سان نوجوان صلاحيتن جا حوصلا پست ڪندا آهن تہ جيئن اختيار انهن جي پنهنجي هٿ ۾ رهي. اچو تہ ان ڳالهہ جو جائزو وٺون تہ ائين ڇو ٿيندو آهي.

سادا فلسفياڻا خيال:

ارسطو چيو هو تہ حقيقي ڪاميابين تي فخر محسوس ڪرڻ تيستائين سٺو ڪم آهي: جيستائين توهان توازن ۾ رهو. تمام گهڻو فخر "هيوبرس" (مغرور، حد کان وڌيڪ اعتماد) ۾ بدلجي ويندو آهي، جيڪو عام طور تي ڏکاين جو سبب بڻبو آهي. چيمپيئن جي شروعات بهتري ۽ نظر ايندڙ مهارت سان ٿيندي آهي پر پوءِ هو ان سوچ ۾ سياڻي ڪانءُ جيان ڦاسي پوندو آهي تہ "رڳو مان ئي تہ اهي ڪم صحيح ڪري سگهان ٿو." سڄي ڳالهہ صرف 'مان' يا پاڻ کي مرڪزي حيثيت ۾ ڏسڻ بابت ٿي ويندي آهي. ڪلاسيڪل فلاسافرن (جهڙوڪ رومي شهنشاهہ مارڪس آريليس) هڪ عملي سبق ڏنو هو: پنهنجي خوشي کي ٻاهرين شين جهڙوڪ شهرت يا "واحد هجڻ" سان نہ ڳنڍيو. جيڪڏهن توهان جي سڄي سڃاڻپ ان ڳالهہ تي ٻڌل آهي تہ توهان کان سواءِ ڪم نہ هلندو، تہ پوءِ هر نئين صلاحيت، هر نوجوان جي ڪاوش توهان کي پنهنجي لاءِ خطرو محسوس ٿيندي. جديد ليکڪ ريان هاليڊي پنهنجي ڪتاب" انا دشمن آهي" ۾ سادي نموني بيان ڪيو آهي: جيڪڏهن اسان انا جي ور چڙهي وڃون تہ ڪاميابي اسان کي خاموشي سان زهر ڏئي سگهي ٿي. انا اسان کي علم ونڊڻ يا ٻين جي خوشي ملهائڻ کان روڪي ٿي.

اوڀر جي علم مان، ٻڌمت "لا_خودي" (NO_SELF)جي ڳالهہ ڪري ٿو ان جو مطلب آهي تہ اسان اڪيلا، هميشہ لاءِ ماهر يا وڏيون حاصلات ڪندڙ سپر اسٽار نہ آهيون. اسان سڀ هڪ ٻئي سان ڳنڍيل آهيون ۽ تبديل ٿي رهيا آهيون. "منهنجي ڪاميابي" سان تمام گهڻو چنبڙي وڃڻ هر ڪنهن لاءِ ڏڀاءُ پيدا ڪري ٿو صحيح رستو اهو آهي تہ سخت محنت ڪجي پر پاڻ کي مرڪز نہ سمجهجي. ايستائين جو مفڪر نيتشي ، جيڪو اڳتي وڌندڙ سگهارن فردن جي خيال کي پسند ڪندو هو. تنهن بہ ان تنگ نظري واري اناپرستي کان خبردار ڪيو آهي: اها انا جيڪا ٻين ماڻهن جي واڌ ويجهہ کي چٽي ڇڏي ٿي. سادن لفظن ۾ انهن مفڪرن جو اهم خيال آهي: حقيقي ڪاميابي هر انسان کي اوچو ڪري ٿي. انا. ڪاميابيءَ کي هڪ اهڙي ذاتي خزاني جو روپ ڏي ٿي جنهن کي ٻيو ڪو بہ هٿ نہ ٿو لائي سگهي!

لاڳاپيل نفسيات ۽ اسان جا رويا

اناپرستي سان لاڳاپيل رويا گهڻو ڪري ان آئيني مان پيدا ٿئي ٿو. جنهن ۾ اسان پاڻ کي پنهنجي خواهش، خيالن ۽ مرضي مطابق ڏسون ٿا. سالن جي ڪاميابيءَ کانپوءِ، ڪجهہ ماڻهو پنهنجي سڄي سڃاڻپ کي "بهترين" هجڻ سان ڳنڍي ڇڏيندا آهن. نفسيات دان ان کي نرگسيت (نارسزم) جي هڪ هلڪي صورت چون ٿا: اها گهري بيماري نہ. پر تعريفون حاصل ڪرڻ جي عام انساني ضرورت ۽ پنهنجو رتبو وڃائڻ جو خوف هوندو آهي . جڏهن ڪو نوجوان ماڻهو پنهنجي ڪم جي چمڪ ڏيکارڻ شروع ڪندو آهي، تہ چيمپيئن کي اهو هڪ ذاتي حملو محسوس ٿيندو آهي. تنهنڪري چيمپيئن علم کي پاڻ تائين محدود رکي ٿو يا نوجوانن جي نلهي واکاڻ ڪري پنهنجو بچاءُ ڪندو آهي جيڪا حقيقت ۾ نوجوان کي مايوسي ۾ ڌڪڻ ۽ سندس اميد اجهائڻ جو ڪم ڪندي آهي.

هڪ ٻيو عام رويو "گهٽتائيءَ واري سوچ" (سڪيئرسٽي مائينڊ سيٽ) آهي. اهو ائين آهي يقين ڪرڻ تہ ڪاميابي يا صلاحيت هڪ "مانيءَ جي ڳيي" وانگر آهي: جيڪڏهن ڪو ٻيو کائي ويو يا ڪنهن ٻئي کي وڏو ٽڪر ملي ويو، تہ منهنجو حصو ننڍو ٿي ويندو. (ان جي اُبتڙ کليل دل واري سوچ آهي، تہ محنت سان اسان گڏجي وڌيڪ مانيون پچائي سگهون ٿا ۽ هر ڪنهن جو پيٽ ڀرجي سگهي ٿو.) اڀياس ڏيکارين ٿا تہ ڪامياب ماڻهو ڪڏهن ڪڏهن ڄاڻ ۽ علم لڪائيندا آهن چاڪاڻ تہ اهي ان ڊپ ۾ هوندا آهن تہ ائين ڪرڻ سان انهن جي اهميت گهٽجي ويندي. توهان اسان اهڙا ڪيترا ئي مثال پنهنجي چوڌاري ڏسون ٿا (پاڻ کان پڇاڻو ڪجي: ڪٿي اسان بہ اهڙا تہ ناهيون)

ادارا صورتحال کي ڪيئن خراب ڪن ٿا

ڪمپنيون ۽ ادارا اڪثر ڪري انهن کي انعام ڏيندا آهن جن جو آواز سڀ کان وڌيڪ هجي. بونس، سرخيون، واکاڻ. ٽڪر ۽ ترقيون چيمپيئن کي ملن ٿيون. ڪو بہ اهو ناهي ڏسندو يا ماپيندو تہ ڇا اهو شخص واقعي ٽيم کي تيار ڪري رهيو آهي. ڪجهہ ڪردار "اهم شخص وارو خطرو" _KEY) (PERSON RISKپيدا ڪن ٿا : سڄو نظام (انهن کان سواءِ) ڪمزور ٿي وڃي ٿو چاڪاڻ تہ هر شيءِ هڪ انسان سان سلهاڙيل هوندي آهي. جڏهن چيمپيئن آخرڪار ڇڏي وڃي ٿو (يا رٽائر ٿئي ٿو يا بيمار ٿئي ٿو). تہ علم ۽ مهارتون بہ ساڻس گڏ ڪنيو ٿو وڃي. اهڙا ناگزير يا اُتر ماڻهو هر اداري ۾ وينل نظر ايندا يا انهن جا (بد) روح اتي رمندا نظر ايندا

اڄڪلهہ جي سوشل ميڊيا واري دور ۾ . انفرادي هيرو جي تعريف ڪرڻ اڃا بہ وڌيڪ آسان ٿي ويو آهي. مشاهدي ۾ آيو آهي تہ ٽيمون تڏهن پنهنجي همت وڃائي ويهنديون آهن جڏهن انهن کي محسوس ٿيندو آهي تہ سندن ڪيل ڪم جي ڪا اهميت ناهي. نوجوانن جون سٺيون صلاحيتون خاموشي سان اهڙيون جايون ڳولڻ لاءِ نڪري وينديون آهن جتي اهي اڳتي وڌي سگهن. صحتمند فخر ۽ نقصانڪار انا جي وچ ۾ ليڪ يا وٿي بنهہ سنهي آهي، چاڪاڻ تہ ٻئي شيون بظاهر ساڳي جذبي ۽ سخت محنت جو نتيجو آهن. پر هڪ وڏ ماڻهپو پائيدار طاقت پيدا ڪري ٿو: ٻيو هڪ اهڙو تخت تخليق ڪري ٿو جيڪو بادشاهہ جي لهڻ يا هٽڻ سان ئي ڪري پوي ٿو.

اهڙن اداري يا سماجي نقصان کي ڪيئن گهٽائجي

سمجهڻ گهرجي تہ اسان کي مهارت ۽ برابري مان ڪنهن هڪ جي چونڊ ڪرڻ جي ضرورت ناهي. اهڙا عملي طريقا آهن جن سان ڪم جي جذبي کي برقرار رکندي انهن مسئلن کي حل ڪري سگهجي ٿو.چيمپيئن جي پنهنجي لاءِ، هڪ پائيدار ورثو ڇڏڻ جي شروعات ايماندار خود احتسابيءَ سان ٿئي ٿي. اهي پاڻ کان سادا سوال پڇي سگهن ٿا جهڙوڪ "ڇا مان ٻين کي اڳتي وڌڻ ۾ مدد ڪري رهيو آهيان. يا مان پنهنجي مرڪزي حيثيت کي بچائي رهيو آهيان؟" روزاني جي عادتن جهڙوڪ ڊائري لکڻ يا فڪر ڪرڻ سان انا جي وٽ ۽ سوڙهہ کي ڍرو ڪري سگهجي ٿو. انهن کي گهرجي تہ اهي صرف پنهنجي آفيسرن کان ئي نہ. پر پنهنجي ماتحت ماڻهن کان بہ حقيقي موٽ (FEEDBACK) وٺن. سڀ کان وڌيڪ طاقتور قدم اهو آهي تہ ادارتي طور محنت سان ايندڙ نهي ۽ سياڻي جي ماهرن جي تياري ڪرائجي ادارتي زميواري طور انهن جي رهنمائي ڪجي ۽ سندن ڪاميابي کي ملهائجي، ۽ ان کي ئي سڀ کان وڏي ڪاميابي سمجهجي. مختصر طور تي، بهترين اڳواڻ اهڙو رويو اختيار ڪندا آهن جنهن کي ڪاروباري علم جي ڏاهي جم ڪولنس "پنجين درجي واري ادارتي سرواڻي" چوي ٿو: اهي سرواڻ ڪمال جي جذبي سان گڏ حقيقي عاجزيءَ کي گڏ ڪٽي هلندا آهن.

ادارن ۽ اڳواڻن جي ترجيح ۽ وڌيڪ ڌيان بهتر نظام جوڙڻ تي هجڻ گهرجي جيڪو ڪنهن بہ هڪ شخص کي تمام گهڻو طاقتور ٿيڻ کان روڪي. ان جو مطلب آهي جانشيني جا چٽا منصوبا ۽ علم کي ونڊڻ جا قاعدا ٺاهڻ تہ جيئن اهم مهارتون لکيل صورت ۾ هجن ۽ گهٽ ۾ گهٽ ٻن يا ٽن ماڻهن کي سيکاريون وڃن. سادا اوزار جهڙوڪ گڏيل فولڊر يا باقاعده تربيتي بدليون ان کي قدرتي طور تي ممڪن بڻائين ٿيون. اڳواڻن کي انعام ڏيڻ جو طريقو بہ بدلائڻو پوندو. جتي بونس صرف ذاتي نتيجن تي نہ پر ان ڳالهہ تي بہ ملي تہ ڪنهن شخص ٽيم کي ڪيتري بهتر تربيت ڏني آهي. ان سان گڏ. انهن کي هڪ اهڙي ثقافت جوڙڻ گهرجي جتي ڳالهائڻ ۽ غلطين جو اعتراف ڪرڻ کي همٿايو وڃي. اڳواڻن کي پاڻ ان جو عملي نمونو بڻجڻ گهرجي. ڪڏهن ڪڏهن "مان نہ ٿو ڄاڻان" چئي ۽ هر ان شخص کي عوامي طور تي ڪريڊٽ ڏئي جنهن حصو ورتو هجي. آخر ۾، ٽيم جي ڪاميابين کي وڏي آواز سان ۽ اڪثر ملهائڻ سان "هيرو جي پوڄا" کي ختم ڪرڻ ۾ مدد ملي ٿي. ۽ گڏجي ڪم ڪرڻ کي هر ڪارڪردگي جي جائزي جو حصو بڻائڻ گهرجي.

ٽيم جي ميمبرن ۽ نوجوان ڪامياب ماڻهن لاءِ، پنهنجي واڌ ويجهہ جي حفاظت ڪرڻ بہ ايتري ئي اهم آهي. اهي ادب پر سختيءَ سان پنهنجي حصي جي ڪم جو واضح رڪارڊ رکي سگهن ٿا. چيمپيئن جي ڇانوَ کان ٻاهر مهارتون ۽ نيٽ ورڪ جوڙڻ انهن کي وڌيڪ آپشن ۽ اعتماد ڏئي ٿو اهم ڳالهہ اها آهي تہ عزت برقرار رکندي پنهنجي ڪم جي اهميت کي چٽو ڪرڻ تي ڌيان ڏجي. "فراخدلي واري سوچ" رکڻ. اهو يقين تہ هر ڪنهن لاءِ ڪاميابيءَ جا ڪافي موقعا موجود آهن.انهن کي اڳتي وڌڻ ۾ مدد ڏئي ٿي.

سن ويندڙن لاءِ گرفتاريون ۽ رڪاوٽون سنڌ حڪومت کي ڄڳائي نہ ٿيون!؟

سن سميت سنڌ جي مختلف علائقن مان ايندڙ خبرون، جن ۾ سائين جي ايم سيد جي ورسي جي موقعي تي سياسي ڪارڪنن خلاف پوليس ڪارروايون، گرفتاريون ۽ رستن جي بندش جا اطلاع مليا آهن. هڪ ڀيرو ٻيهر ان سوال کي جنم ڏين ٿيون تہ ڇا اسان واقعي جمهوري معاشري ۾ رهون ٿا يا اڃا بہ اختلاف کي دٻائڻ واري پراڻي طرزِ حڪمراني جاري آهي؟ هڪ اهڙي ڏينهن تي، جيڪو هڪ فڪري ۽ سياسي شخصيت کي ياد ڪرڻ لاءِ مخصوص هجي، رياستي طاقت جو اهڙو استعمال نہ رڳو غير مناسب لڳي ٿو پر جمهوري قدرن جي بہ نفي ڪري ٿو.

پاڪستان پيپلزپارٽي ۽ ان جو نظرياتي امتحان آهي

سنڌ ۾ حڪومت ڪندڙ پاڪستان پيپلزپارٽي پاڻ کي هميشہ جمهوريت، عوامي حقن ۽ سياسي آزاديءَ جي علمبردار طور پيش ڪندي آئي آهي. ان پارٽي جو بنياد ذوالفقار علي ڀٽو رکيو. جنهن عوامي طاقت کي سياست جو مرڪز بڻايو. جڏهن تہ بينظير ڀٽو پنهنجي جدوجهد سان جمهوريت جي بحالي لاءِ وڏيون قربانيون ڏنيون. اهڙي تاريخ رکندڙ پارٽي جي دورِ حڪومت ۾ جيڪڏهن مخالف ڌر جي سياسي ڪارڪنن کي روڪڻ، گرفتار ڪرڻ يا سندن بنيادي حقن کي محدود ڪرڻ جا واقعا ٿين. تہ اهو نہ صرف سياسي تضاد پيدا ڪري ٿو. پر پارٽي جي پنهنجي دعوائن کي بہ ڪمزور ڪري ٿو. جمهوريت صرف چونڊن تائين محدود نہ هوندي آهي، پر ان جو اصل حسن اختلافِ راءِ کي برداشت ڪرڻ ۾ هوندو آهي. سنڌ جي سياسي روايت ۽ تاريخي پس منظر سنڌ جي سياست هميشہ فڪري آزادي ۽ سياسي شعور سان مالا مال رهي آهي. سائين جي ايم سيد جهڙيون شخصيتون اختلافِ راءِ کي اظهار جي آزادي سان ڳنڍينديون رهيون. تاريخي طور بہ اهو ثابت آهي تہ سياسي تحريڪن کي طاقت سان دٻائڻ ڪڏهن بہ پائيدار حل ثابت نہ ٿيو آهي. اهو بہ هڪ اهم حوالو آهي تہ ذوالفقار علي ڀٽو ۽ سائين جي ايم سيد جي وچ ۾ ذاتي ۽ خانداني سطح تي ويجهڙائي هئي، جيڪا سنڌ جي سياسي روايتن ۾ برداشت ۽ احترام جي علامت سمجهي ويندي هئي. ان پس منظر ۾ اڄ جي حالتن جو جائزو وٺڻ وڌيڪ ضروري ٿي وڃي ٿو. سنڌ جي موجوده وزيراعليٰ سيد مراد علي شاهہ. جيڪي ساڳئي علائقي سان تعلق رکن ٿا جتي سائين جي ايم سيد جي فڪري ورثي جا اثر نمايان آهن. انهن تي وڌيڪ اخلاقي ۽ سياسي ذميواري عائد ٿئي ٿي. جيڪڏهن سندن سرپرستي هيٺ قانون لاڳو ڪندڙ ادارا اهڙا قدم کڻن ٿا. تہ اهو حڪومت جي مجموعي پاليسيءَ بابت سوال پيدا ڪري ٿو. حڪومت کي گهرجي تہ هو واضح ڪري تہ ڇا اهي ڪارروايون قانوني ضرورت هيون يا سياسي حڪمت عمليءَ جو حصو؟ ڇو تہ مبهم پاليسيون هميشہ بي اعتمادي کي جنم ڏينديون آهن. هڙتال جو سڏ ۽ وڌندڙ سياسي ڇڪتاڻ جيئي سنڌ رهبر پاران 28 اپريل تي عام هڙتال جو اعلان، صورتحال جي سنگيني کي ظاهر ڪري ٿو. اهڙيون حالتون نہ رڳو سياسي ڇڪتاڻ وڌائين ٿيون، پر عام شهرين جي روزمره زندگيءَ کي بہ متاثر ڪن ٿيون. حڪومت جو فرض آهي تہ هو اهڙي ڇڪتاڻ کي گهٽائڻ لاءِ فوري ۽ مثبت قدم کڻي، نہ کي ان کي وڌيڪ هوا ڏئي.تاريخ بار بار اهو سبق ڏئي ٿي تہ سياسي اختلافن کي دٻائڻ سان نہ ختم ڪري سگهجي ٿو ۽ نہ ئي انهن مان استحڪام پيدا ٿئي ٿو. اصل حل ڳالهين، برداشت ۽ آئيني حقن جي احترام ۾ آهي. جيڪڏهن پاڪستان پيپلزپارٽي واقعي پنهنجي باني اڳواڻن جي نظريي تي قائم رهڻ چاهي ٿي، تہ ان کي اختلافِ راءِ کي دٻائڻ بدران ان کي ٻڌڻ ۽ سمجهڻ جي روايت کي فروغ ڏيڻو پوندو.

گرفتار ڪيل سياسي ڪارڪنن جي آزادي، رستن تي رڪاوٽن جو خاتمو ۽ مستقبل ۾ اهڙن واقعن کان پاسو، اهي قدم نہ رڳو سياسي تڪرار کي گهٽائي سگهن ٿا، پر حڪومت جي ساک کي بہ بحال ڪري سگهن ٿا. جمهوريت جو حسن طاقت ۾ نہ، پر برداشت ۾ هوندو آهي.

بقايا 01 *

ڪئي وڃي. جڏهن تہ ايٽمي ڳالهين کان پوءِ جي مرحلي تائين ملتوي رکيو وڃي ايران اهو پيغام پاڪستان جي ذريعي ٽياڪڙي جي طور تي آمريڪا تائين پهچايو جيڪو هن وقت ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ سفارتي رابطن ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيو آهي. رپورٽ ۾ اهو بہ چيو ويو آهي تہ جيڪڏهن آبنائي هرمز کولڻ ۽ ايراني بندرگاهن تي آمريڪي ناڪابندي ختم ڪرڻ جو معاهدو طئي ٿي وڃي ٿو تہ آمريڪي صدر ٽرمپ وٽ ايران تي دٻاءُ وجهڻ جي لاءِ محدود آپشنز رهجي ويندا. خاص طور تي يورينيم جي هٿي ڏيڻ جي حوالي سان اڳڀرائي نہ ٿي سگهندي. آمريڪا چاهي ٿو تہ ايران گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڏهاڪي جي لاءِ يورينيم جي تياري معطل ڪري پر ايران جي ٽئين تجويز ۾ انهي معاملي کي فوري طور تي شامل ناهي ڪيو ويو جنهن سان ڳالهين وڌيڪ ڏکيون ٿي سگهن ٿيون. اها اڳڀرائي اهڙي وقت ۾ سامهون آئي آهي جڏهن عرب خطي ۾ ڇڪتاڻ عروج تي آهي ۽ عالمي معيشت تي انهي جا ٽروڏي رهيا آهن

بقايا 02 *

جي ڀرپور جوابي ڪارروائي. ڪيترين ئي افغان پوسٽن کي تباهہ ڪري ڇڏيو. افغان طالبان طرفان سول آبادي کي نشانو بڻائڻ تي پاڪ فوج جي جوابي ڪارروائي ۾ ڪيترين ئي افغان پوسٽن کي تباهہ ڪيو ويو. سيڪيورٽي ذريعن موجب پاڪ فوج جي بروقت ۽ چوڪس ڪارروائي سبب فتنہ الخوارج جي دراندازي جون سموريون ڪوششون ناڪام بڻايون ويون فتنہ الخوارج جي دراندازي ۾ ناڪامي کان پوءِ افغان طالبان سول آبادي کي نشانو بڻايو ويو، فائرنگ جي نتيجي ۾ ٻن عورتن سميت ٽي شهري زخمي ٿي پيا. زخمين کي فوري طور وانا اسپتال منتقل ڪيو ويو آپريشن غضب الحق جي مؤثر ڪارروائين کان پوءِ افغان طالبان شڪست جي بوکهلاهٽ ۾ سول آبادي کي نشانو بڻائڻ لڳا. علائقي جي رهواسين افغان طالبان جي فائرنگ واري واقعي جي سخت مذمت ڪندي پاڪ فوج کان جوابي ڪارروائي جو مطالبو ڪيو

بقايا 03 *

ارشل جو جنگ جي خاتمي ۾ ڪردار کي تعريف جوڳو قرار ڏئي ڇڏيو ايراني پرڏيهي وزير عباس عراقچي جي دوري تي اسلام آباد ۾ ايراني سفير رضا اميري مقدم حڪومت پاڪستان، پاڪ فوج ۽ عوام جو ٿورو ادا ڪيو آهي.ايڪس تي جاري ڪيل بيان ۾ ايراني سفير وزيراعظم شهباز شريف ۽ فيلڊ مارشل عاصم منير جي اڳواڻي ۾ امن ڪوششن جي تعريف ڪندي چيو تہ وزيراعظم شهباز شريف ۽ فيلڊ مارشل جو جنگ جي خاتمي ۾ ڪردار تعريف جوڳو آهي. ايراني وفد جو دورو مڪمل سيڪيورٽي، موثر منصوبہ بندي ۽ بهترين انتظامن ۾ ٿيو. پاڪستاني ادارن جي ڪارڪردگي تعريف جوڳي آهي. ايراني سفير پاڪ فوج، سيڪيورٽي فورسز پوليس ۽ سرڪاري ادارن جي عملي جو خاص طور تي ٿورو ادا ڪيو ۽ اسلام آباد جي عوام جي مهمان نوازي، صبر ۽ تعاون کي خراج تحسين پيش ڪيو. ايراني سفير پاڪستان کي پاڻ جهڙي دوست ۽ پاڙيسري ملڪ قرار ڏيندي لاڳاپا وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جو ارادو ظاهر ڪيو

بقايا 04 *

ڏڪيندي صحافت بدران مودي سرڪار جي جنگي ترجمان جو ڪردار ادا ڪيو. ڀارتي ميڊيا پنهنجي نشريات ذريعي مسلسل جنگي جنون کي هوا ڏيندي ڪوڙين خبرن ذريعي پنهنجي عوام کي گمراهہ ڪندو رهيو پهلگام فالس فليگ کانپوءِ ريپبلڪ ٽي وي جي اينڪر ارنب گوسوامي ڀارتي حڪومت کي جنگ لاءِ اڪسائيندي پاڪستان کي غزه بڻائڻ جو مطالبو ڪيو پهلگام ڊرامي کانپوءِ ڀارتي ميڊيا زميني حقيقتن کي پوئتي ڌڪيندي ٻن ايٽمي طاقتن وچ ۾ جنگي ڇڪتاڻ کي هوا ڏيڻ جي ناپاڪ مهم جاري رکي. ڀارتي اينڪر پنهنجي ٽي وي اسٽوڊيوز کي جنگي ڪمرن ۾ تبديل ڪري خطي جي امن تباهہ ڪرڻ ۽ جنگي جنون ڦهلائڻ ۾ رُڌل رهيا. ڪراچي پورٽ کي باهہ لڳائڻ ۽ ميزائل حملن جون ڌمڪيون ڏئي ڀارتي ميڊيا پنهنجي ڪريل ذهنيت ۽ شديد عدم تحفظ جو ثبوت ڏنو. بنا ڪنهن ثبوت جي پاڪستان تي الزام لاڳو ڪري ڀارتي ميڊيا عالمي سطح تي پنهنجي ساک ۽ پيشيوراڻي وقار کي داءَ تي لڳايو پهلگام فالس فليگ کان پوءِ ڀارتي ميڊيا انتقام ۽ جنگي تيارين جي ڇڪتاڻ ۽ جنگي جنون کي هٿي ڏيڻ جي ناپاڪ ايجنڊا تي ڪم ڪندو رهيو نام نهاد ڀارتي دفاعي تجزيڪار (ر) جنرل جي ڊي بخشي ڀارتي ميڊيا تي جنگ جا اولا ڀڙڪائڻ ۾ اڳڀرو رهيو. ماهرن موجب ڇڙ ڇڙ ڊيرينڊر ۽ ڪوڙي بيانبازي ذريعي پاڪستان کي نشانو بڻائڻ ڀارتي ميڊيا جي اخلاقي گراوٽ ۽ صحافتي ديواليپڻ جو شرمناڪ مظهر آهي. ڀارتي اينڪرز جي ڇڙ ڊيرينڊر ڳالهين ۽ جنگ جون ڌمڪيون ڏکڻ ايشيا جي امن کي داءَ تي لڳائڻ وارو هڪ انتهائي غير ذميداراڻو فعل آهي.

بقايا 05 *

قصد رياستي ادارن کي گڏ ڪرڻ آهي. هن ٻڌايو تہ تازو "مني ڊائيلاگ "آن روڊ ميپ جي پهرين مرحلي جو حصو آهي. جنهن ۾ چونڊ قانون کي حتمي شڪل ڏيڻ ۽ هاءِ نيشنل ڪميشن جي بورڊ جي جوڙجڪ شامل آهي. وزيراعظم ان عزم جو ورجاءُ ڪيو تہ سندس حڪومت اهڙن عملي قدمن جي حمايت جاري رکندي جيڪي ملڪ کي " سويلين رياست " طرف کڻي وڃن، ۽ چونڊن قانون جي تڪميل بعد فوري چونڊون منعقد ڪرڻ کي يقيني بڻايو وڃي. ٻئي پاسي گڏيل قومن جي نمائندي لبيا جي مختلف ڌرين وچ ۾ اتفاق راءِ پيدا ڪرڻ ۽ سياسي عمل جي ڪاميابي لاءِ هر ممڪن سهڪار جاري رکڻ جو يقين ڏياريو.

بقايا 06 *

اينڊ ويلنيس سينٽر جي قيام جو اعلان ڪيو ۽ سڄي يونيورسٽي ۾ ويلنيس عهد (Wellness Pledge)جي شروعات ڪئي هن قدمن جي اڳواڻي ممتاز قومي پروفيسر ڊاڪٽر ايم اقبال آفريدي ڪئي، جيڪا انٽرنل ميڊيسن انٽرسٽ گروپ (SMC_JSMU)جي سهڪار سان منعقد ڪئي وئي هن سال عالمي ڏينهن جو موضوع هو روزمره زندگي ۾ خوشي ۽ پائيدار صحت جي طريقن جو انضمام پروفيسر اقبال آفريدي چيو تہ اڄ جي تيز رفتار دنيا ۾، خاص طور تي طب جي شعبي ۾، ذهني دٻاءُ کي معمول سمجهيو وڃي ٿو. برن آئوٽ کي نظرانداز ڪيو وڃي ٿو ۽ ٿڪاوٽ کي اڪثر خاموشي سان برداشت ڪيو وڃي ٿو هن چڪر کي ٽوڙڻ لاءِ، جي ايس ايم يو ماهرن کي مدعو ڪيو تہ جيئن مستقبل جي ڊاڪٽرن کي عملي ۽ اثرائتي حڪمت عمليون مهيا ڪري سگهجن ڪماري ماهر نفسيات ڊاڪٽر ياسمين خان مائينڊفلنس ۽ ساهہ کڻڻ جي مشقن تي هڪ انٽرايڪٽيو سيشن ڪرايو جڏهن تہ ڊاڪٽر محمد خان، ڊائريڪٽر IPTR_JSMU، ذهني دٻاءُ گهٽائڻ لاءِ مخصوص جسماني مشقن جو مظاهرو ڪيو عالمي انگن اکرن مان ظاهر ٿئي ٿو تہ اڪثر ذهني بيماريون 24 ورهين جي عمر کان اڳ شروع ٿين ٿيون. جڏهن تہ لڳ ڀڳ 40 سيڪڙو نوجوان 20 ورهين کان اڳ ڊپريشن جو شڪار ٿين ٿا جيڪو يونيورسٽي جي شاگردن کي هڪ حساس ۽ وڌيڪ خطري واري مرحلي ۾ ظاهر ڪري ٿو هن قدم کي ساراهيندي وائيس چانسلر جي ايس ايم يو پروفيسر امجد سراج ميمڻ چيو: 'جي ايس ايم يو هيلٿ اينڊ ويلنيس سينٽر پهريون ڀيرو قائم ڪيو پيو وڃي اسان جي شاگردن ۽ فيڪلٽي کي ڪيمپس ۾ ئي نفسياتي ۽ ذهني صحت جون سهولتون سڌي ريت حاصل ٿينديون اسان اهو يقيني بڻائي رهيا آهيون تہ ڪو بہ ماڻهو خاموشي ۾ تڪليف نہ سهي، ممتاز قومي پروفيسر ڊاڪٽر ايم اقبال آفريدي وڌيڪ چيو: 'هي ويلنيس سينٽر صرف هڪ سهولت نہ پر هڪ عهد آهي جي پي ايم سي جي ماهر نفسيات ڀاران جي ايس ايم يو جي شاگردن ۽ استادن لاءِ خاص ڪلينڪس ذريعي اسان رازداري سان ذهني صحت جون سهولتون فراهم ڪري رهيا آهيون. چاڪاڻ تہ شفا جي شروعات گهر کان ٿئي ٿي. هن سيشن ۾ رجسٽرار جي ايس ايم يو ڊاڪٽر اعظم خان، پرنسپل SMCڊاڪٽر امبرين عثماني، سربراهہ شعبہ نفسيات وارڊ JPMCڊاڪٽر چوني لال، ڊاڪٽر آصف خان، ڊائريڪٽر QECڊاڪٽر عبد الواحد عثماني، ڊائريڪٽر اڪيڊمڪس سهراب زمان، ڊائريڪٽر اسٽوڊنٽ ڪائونسل زهره سيمين، ۽ HECٽيم شرڪت ڪئي ويلنيس عهد جي ادارتي نفاذ ۽ نئين سينٽر جي افتتاحي ڪلينڪ جو منتظر هجڻ سان گڏ، جي ايس ايم يو ميڊيڪل يونيورسٽين ۾ ذهني صحت کي ترجيح ڏيڻ جي حوالي سان هڪ قومي مثال قائم ڪئي آهي

بقايا 07 *

حان رهيو. آمريڪي ويسٽ ٽيڪساس انٽرميڊيئيٽ تيل جي قيمت جي مستقبل جا سودا 3 سيڪڙو جي واڌ کان پوءِ 96.30 ڊالر في بيرل ۽ برينٽ نارٿ سي ڪروڊ تحت مستقبل جا سودا 2.15 سيڪڙو جي واڌ کان پوءِ 107.56 ڊالر في بيرل ۾ طئي ٿيا. سون جي قيمت اٽڪل 8 ڊالرن جي واڌ کان پوءِ 4714.27 ڊالر في اونس ۽ چانديءَ جي قيمت 0.29 سينٽ کان پوءِ 75.94 ڊالر في ٿي وئي، خوراڪ جي قيمتن ۾ بہ عمومي اضافي جو رجحان رهيو. سويابين تيل جي مستقبل جا سودا 3.08 ڊالر جي واڌ کان پوءِ 1166.83 ڊالر ۽ پام آئل جا سودا 18 ڊالرن جي واڌ کان پوءِ 4597 ڊالر ۾ طئي ٿيا. ڪڻڪ جي قيمت ۾ 0.64 سيڪڙو واڌ جڏهن تہ چانورن جي قيمت ۾ 1.95 سيڪڙو جي گهٽتائي ٿي.

بقايا 08 *

ري ڪيا آهن. سومر ڏينهن جاري ڪيل انگن اکرن مطابق سنڌو درياهہ ۾ تربيلا وٽ پاڻي جو مٿاهون وهڪرو 39 هزار 900 ڪيوسڪ ۽ هيٺاهون وهڪرو 45 هزار ڪيوسڪ، ڪابل درياهہ ۾ نوشهره وٽ پاڻي جو مٿاهون وهڪرو 36 هزار ڪيوسڪ ۽ هيٺاهون وهڪرو 36 هزار ڪيوسڪ، خيرآباد پل تي پاڻي جو مٿاهون وهڪرو 76 هزار 400 ڪيوسڪ ۽ هيٺاهون وهڪرو 76 هزار 400 ڪيوسڪ، جهلم درياهہ ۾ منگلا وٽ پاڻي جو مٿاهون وهڪرو 38 هزار 500 ڪيوسڪ ۽ هيٺاهون وهڪرو 35 هزار ڪيوسڪ. چناب درياهہ ۾ مرالا وٽ پاڻي جو مٿاهون وهڪرو 20 هزار 100 ڪيوسڪ ۽ هيٺاهون وهڪرو 12 هزار 300 ڪيوسڪ رڪارڊ ڪيو ويو. بئراجن جي صورتحال موجب گڊو بئراج وٽ پاڻي جو مٿاهون وهڪرو 41 هزار 400 ڪيوسڪ ۽ هيٺاهون وهڪرو 41 هزار 400 ڪيوسڪ، سکر بئراج وٽ پاڻي جو مٿاهون وهڪرو 34 هزار 400 ڪيوسڪ ۽ هيٺاهون وهڪرو 6 هزار 500 ڪيوسڪ، ڪوٽڙي بئراج وٽ پاڻي جو مٿاهون وهڪرو 14 هزار 200 ڪيوسڪ ۽ هيٺاهون وهڪرو هڪ هزار ڪيوسڪ رڪارڊ ڪيو ويو. آبي ذخيرن جي صورتحال مطابق تربيلا ڊيم جو گهٽ ۾ گهٽ آپريٽنگ ليول 1402 فوٽ، ڊيم ۾ پاڻي جي موجوده سطح 1464.76 فوٽ ۽ ڊيم ۾ پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي انتهائي سطح 1550 فوٽ، ذخيرو ڪرڻ جوڳي پاڻي جو ذخيرو 1.496 ملين ايڪڙ فوٽ، منگلا ڊيم جو گهٽ ۾ گهٽ آپريٽنگ ليول 1050 فوٽ، ڊيم ۾ پاڻي جي موجوده سطح 1161.30 فوٽ، ڊيم ۾ پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي انتهائي سطح 1242 فوٽ ۽ استعمال جوڳي پاڻي جو ذخيرو 2.179 ملين ايڪڙ فوٽ جڏهن تہ چشمه بئراج جو گهٽ ۾ گهٽ آپريٽنگ ليول 638.15 فوٽ، پاڻي جي موجوده سطح 648.50 فوٽ بئراج ۾ پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي انتهائي سطح 649 فوٽ ۽ استعمال جوڳي پاڻي جو ذخيرو 0.285 ملين ايڪڙ فوٽ رڪارڊ ڪيو ويو آهي.

بقايا 09 *

۾ 31 آگسٽ کان 3 سيپٽمبر تائين منعقد ٿيندڙ عالمي واپاري نمائش فائن فوڊ آسٽريليا ۾ شرڪت لاءِ 5 مئي تائين درخواستون جمع ڪرائي سگهجن ٿيون. ٽي ڊي اي پي مطابق نمائش آسٽريليا جي شهر ميلبورن ۾ 31 آگسٽ کان 3 سيپٽمبر تائين جاري رهندي جنهن ۾ پراسيس فوڊ، بيوريجز، چانورن، ميون، ڀاڄين، گرم مصالحن ۽ تيار کاڌن سان واڳيل ماڻهو پنهنجي مصنوعات عالمي خريدارن آڏو پيش ڪرڻ سان گڏوگڏ پنهنجا ڪاروباري معاملا طئي ڪري سگهندا. نمائش جي حوالي سان وڌيڪ تفصيل ٽي ڊي اي پي جي ويب سائيٽ تان حاصل ڪري سگهجن ٿا.

بقايا 10 *

آهن. نيو ڪراچي انڊسٽريل ايريا پوليس خميسا گوٺ ويجهو منشيات فروشن سان فائرنگ جي تبادلي کان پوءِ ٻن زخمين سميت ٽن شڪي ماڻهن کي گرفتار ڪري ورتو ۽ انهن جي قبضي مان هٿيار، نقد رقم ۽ منشيات هٿ ڪري ورتي.ان دوران، بازار پوليس گلشن ضياءَ ۾ گشت دوران موٽرسائيڪل سوار شڪي ماڻهن کي روڪڻ جو اشارو ڪيو جنهن تي ٻئي طرفي فائرنگ کان پوءِ ٻن شڪي ماڻهن کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو ۽ انهن جي قبضي مان هٿيار، چوري ٿيل سامان ۽ هڪ موٽرسائيڪل هٿ ڪئي وئي.اورنگي ٽائون پوليس سيڪٽر 6 اي ويجهو هڪ مبينا مقابلي کان پوءِ هڪ شڪي کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو. جڏهن تہ سندس ساٿي موقعي تان فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو شڪي جي قبضي مان هٿيار، چوري ٿيل سامان ۽ هڪ موٽرسائيڪل هٿ ڪئي وئي، سچل پوليس شير خان گوٺ ۾ هڪ آپريشن دوران ڦرلٽ جي ڪيترن ئي واقعن ۾ ملوث چار رڪني ٽولي کي گرفتار ڪيو شروعاتي جاچ دوران گرفتار ڪيل چئن شڪي ماڻهن درجنين اسٽريٽ ڪرائمز ۾ ملوث هجڻ جو انڪشاف ڪيو شڪي ماڻهن کان هٿيار، چوري ٿيل سامان ۽ نقد رقم هٿ ڪئي وئي

بقايا 11 *

ٽي خلاف ڪئي وئي جيڪا منشيات جي اسمگلنگ لاءِ استعمال ٿي رهي هئي ۽ معلوم رستن تي سفر ڪري رهي هئي. اختيارين جو چوڻ آهي تہ ٻيڙي کي "نامزد دهشتگرد تنظيمن "جي استعمال هيٺ ناهيو ويو هو بيان مطابق ان آپريشن دوران ڪنهن بہ آمريڪي فوجي کي نقصان ناهي پهتو. آمريڪي سدرن ڪمانڊ جو چوڻ آهي تہ خطي ۾ منشيات جي اسمگلنگ خلاف ڪارروايون جاري آهن.

بقايا 12 *

ب گرفتار جوابدارن کان 5 موبائل فون، ڪيش ۽ 2 موٽرسائيڪلون هٿ ڪيون ويون آهن. جڏهن تہ قادر ۽ سندس ٽولي ليارڻ، گارڊن، سي ويو ۽ ملير سميت مختلف علائقن ۾ ٿيندڙ واقعن ۾ ملوث هئا. هن چيو تہ جوابدارن انڪشاف ڪيو آهي تہ انهن 70 کان وڌيڪ موٽرسائيڪلون ۽ 250 موبائل فون ڦريا آهن. جڏهن تہ جوابدارن واقعن مان 35 لک رپين تائين جي رقم وصول ڪرڻ جو بہ اعتراف ڪيو آهي، ان کان علاوه جوابدار غلام قادر هٿيارن جي غيرقانوني خريداري ۽ وڪري ۾ پڻ ملوث هو. رينجرز ترجمان جو چوڻ آهي تہ حارث عرف گولڊن چوري ٿيل موٽرسائيڪلن جا پرزا وڪرو ڪندو هو. گرفتار جوابدارن کي وڌيڪ قانوني ڪارروائي لاءِ پوليس جي حوالي ڪيو ويو آهي.

بقايا 13 *

مزدا ٽرڪن ۾ لڳل خفيہ اضافي ٽينڪن ذريعي ڊيزل اسمگل ڪري رهيا هئا. چيڪنگ دوران 2 ٽرڪون ضبط ڪيون ويون ۽ 3 جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو گرفتار جوابدار مزدا ۽ هٿ ڪيل ڊيزل کي وڌيڪ قانوني ڪارروائي لاءِ ڪسٽم اختيارين جي حوالي ڪيو ويو. گرفتار جوابدارن ۾ سيف الله، اشرف ۽ آصف شامل آهن.

بقايا 14 *

ڪل پٽ سان ٽڪرائجي ويو. فوت ٿيل جي سڃاڻپ وليد جي نالي سان ٿي آهي. اطلاع ملڻ تي پوليس ۽ ريسڪيو ٽيمون جلد موقعي تي پهچي ويون، پوليس اختيارين جو چوڻ آهي تہ ضروري ڪارروائي کانپوءِ لاش وارثن جي حوالي ڪيو ويو آهي، جڏهن تہ حادثي جي وڌيڪ جاچ پڻ شروع ڪئي وئي آهي.

بقايا 15 *

ي سي سي ٽي وي فوٽيج منظر عام تي آئي آهي. فوٽيج ۾ نوجوان کي روڊ تي فائرنگ ڪندو ڏسي سگهجي ٿو ۽ پوليس آفيسر اچي رهيا آهن. گذريل ڏينهن عيسيٰ نگري ويجهو هڪ مبينا پوليس مقابلي ۾ حماد نالي هڪ نوجوان مارجي ويو. فائرنگ جي واقعي جي سي سي ٽي وي فوٽيج منظر عام تي آئي آهي. فوٽيج ۾ حماد کي روڊ پار ڪندي ۽ پنهنجي دوست شهريار جي ڪار ڏانهن ايندي ڏسي سگهجي ٿو حماد پوءِ پنهنجي دوست جي ڪاري ڪار مان پستول ڪڍي ۽ اوچتو فائرنگ شروع ڪري ڇڏي، فائرنگ جو آواز ٻڌي ويجهي عزيز آباد پوليس اسٽيشن جا پوليس آفيسر بہ پهچي ويا.فوٽيج ۾ پوليس آفيسر کي روڊ پار ڪندي ۽ ڪار ڏانهن ايندي ڏسي سگهجي ٿو. حماد ڪار ۾ ويٺي پوليس آفيسر کي ڏسي فائرنگ ڪئي. فوٽيج ۾ هڪ پوليس آفيسر کي ڪار ڏانهن فائرنگ ڪندي بہ ڏسي سگهجي ٿو فائرنگ دوران ڪار گولين جي زد ۾ اچي وئي جڏهن تہ حماد بہ گولين جي زد ۾ اچي ويو جيڪو بعد ۾ فوت ٿي ويو فائرنگ جو واقعو ڇنڇر ڏينهن پيش آيو ۽ پوليس اختيارين جو چوڻ آهي تہ واقعي جي وڌيڪ جاچ جاري آهي.

بقايا 16 *

ينڊو. پاليسي جو جائزو آءِ ايم ايف جي مطالبن جي تناظر ۾ پڻ ورتو ويندو. اهو ياد رکڻ گهرجي تہ سود جي شرح هن وقت 10.5 سيڪڙو آهي.

بقايا 17 *

ختم ڪرڻ ۽ معاهدي لاءِ ايٽمي مسئلي کي بعد جي مرحلي تائين ملتوي ڪرڻ لاءِ آمريڪا کي تجويزون پيش ڪيون آهن. آمريڪي ميڊيا موجب، صدر ٽرمپ اڄ نئين ايراني تجويزن جي حوالي سان اعليٰ عملدارن سان ملاقات ڪندو، جنهن ۾ مستقبل جو طريقو طئي ڪيو ويندو. آمريڪا سان ڳالهين ۾ اڳڀرائي ٿي پر هنن جا حد کان وڌيڪ مطالبا رڪاوٽ آهن. عراقچي ايراني پرڏيهي وزير عباس عراقچي چيو آهي تہ آمريڪا سان ڳالهين ۾ ڪجهہ اڳڀرائي ٿي آهي. پر آمريڪا جي حد کان وڌيڪ مطالبن سبب مقصد حاصل نہ ٿي سگهيا آهن. عباس عراقچي موجب روسي دوستن سان جنگ بابت اڳڀرائي ۽ موجوده صورتحال تي صلاح مشورا ڪرڻ ۽ جائزو وٺڻ لاءِ هي مناسب موقعو آهي. جڏهن تہ پاڪستان ايران ۽ آمريڪا وچ ۾ ڳالهين ۾ اهم ثالثي ڪردار ادا ڪري رهيو آهي هن چيو تہ بهرحال ڳالهين ۾ ڪجهہ اڳڀرائي ٿي آهي، پر آمريڪي موقف سبب گذريل دور جا مقصد حاصل نہ ٿي سگهيا، آمريڪا جا حد کان وڌيڪ مطالبا ۽ غلط رويو، اڳڀرائي باوجود مقصد حاصل نہ ٿيڻ جو سبب بڻيو، انهن ڪري ضروري هو تہ پاڪستاني دوستن سان صلاح مشورا ڪيا وڃن تہ جيئن موجوده صورتحال جو جائزو وٺي سگهجي ان کان اڳ ماسڪو پهچڻ تي ايراني ميڊيا سان ڳالهائيندي عباس عراقچي چيو تہ هو روس آيو آهيان تہ جيئن ايران ۽ ماسڪو وچ ۾ علائقائي ۽ عالمي معاملن تي ويجهي صلاح مشورا جاري رکي سگهجن. اڄ روسي صدر ولاديمير پوٽن سان ملاقات ٿيندي هن چيو تہ روسي صدر سان ملاقات جنگ کان اڳڀرائي ۽ موجوده صورتحال جو جائزو وٺڻ جو سٺو موقعو هوندو. ۽ يقين آهي تہ ٻنهي ملڪن وچ ۾ صلاح مشورا ۽ هم آهنگي خاص اهميت رکن ٿا ايراني پرڏيهي وزير چيو تہ پاڪستان جو دورو تمام ڪارائتو رهيو. اسلام آباد جي دوري دوران اختيارين سان مثبت صلاح مشورا ٿيا. جتي ماضي جي واقعن ۽ انهن خاص حالتن جو جائزو ورتو ويو جن تحت ايران_آمريڪا ڳالهيون جاري رهي سگهن ٿيون عباس عراقچي چيو تہ عمان جي دوري دوران ٻنهي ملڪن وچ ۾ آبنائي هرمز بابت ڳالهيون ٿيون. ايران ۽ عمان هن سامونڊي رستي جا ساحلي ملڪ آهن. تنهن ڪري گڏيل صلاح مشورا لازمي آهن. خاص طور تي جڏهن هن رستي جي محفوظ آمدرفت تي عالمي اهميت جو مسئلو بڻجي چڪو آهي هن چيو تہ آبنائي هرمز جا ساحلي ملڪ هئڻ جي ناطي گڏيل مفادن جي تحفظ لاءِ ڳالهين ڪرڻ فطري ڳالهہ آهي. ٻنهي ملڪن کي گهرجي تہ هر ممڪن قدم ۾ هم آهنگي برقرار رکن. چاڪاڻ تہ ٻنهي جا مفاد انهيءَ ۾ آهن سندس چوڻ هو تہ ايران ۽ عمان وچ ۾ اعليٰ سطح تي اتفاق موجود آهي. ۽ ٻئي ملڪ ان ڳالهہ تي متفق آهن تہ ماهرن جي سطح تي بہ صلاح مشورن جو سلسلو جاري رکيو ويندو وڏي حملي جي تياري، اسرائيلي فوج ڀاران ڏکڻ لبنان مان شهرين کي ڪڍڻ جو حڪم اسرائيل ڏکڻ لبنان جي مختلف علائقن ۾ جبري ڪڍڻ جا حڪم جاري ڪيا آهن. بفرزون کان ٻاهر واقع ستن شهرن جي رهواسين کي علائقو ڇڏڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي. اسرائيلي حڪم جي پٺيان، لبناني شهري وڏي تعداد ۾ پنهنجا گهر ڇڏي اتر طرف هليا ويا. لبنان ۾ جنگ بندي جي باوجود، اسرائيلي فوج جون ڪارروايون جاري آهن. گذريل ڏينهن ۾ صيهوني فوج جي حملن ۾ 14 ماڻهو مارجي ويا آهن. ايراني پرڏيهي وزير روس پهتو، صدر پيوٽن سان اهم ملاقات ڪندو ايراني پرڏيهي وزير عباس عراقچي روس جي اتر اولهہ شهر سينٽ پيٽرسبرگ پهتو آهي. ايراني پرڏيهي وزيراڄ روسي صدر ولاديمير پيوٽن سان اهم ملاقات ڪندو. رپورٽ موجب، عباس عراقچي ڳالهين جي صورتحال ۽ جنگ بندي تي صلاح مشورو ڪندو. عباس عراقچي جنگ ختم ڪرڻ لاءِ ڳالهين جي تفصيلن بابت پڻ آگاهہ ڪندو.هن دوري کي سمجهيو پيو وڃي. جتي ايران ۽ آمريڪا جي وچ ۾ ڇڪتاڻ کي گهٽائڻ لاءِ سفارتي ڪوششون جاري آهن. عالمي منڊي ۾ خام تيل جي قيمتن ۾ 2 سيڪڙو واڌ تي برطانوي خام تيل جي قيمت ۾ 2.22 ڊالر في بيرل واڌ ٿي، جنهن کان پوءِ برطانوي خام تيل جي قيمت 107.55 ڊالر في بيرل ٿي وئي، جڏهن تہ آمريڪي خام تيل جي قيمت پڻ 2.02 ڊالر واڌ 96.42 ڊالر في بيرل تي وئي، عرب ميڊيا موجب ايران_آمريڪا امن ڳالهين ۾ پيش رفت جي گهٽتائي ۽ آبنائي هرمز کان محدود ترسيل عالمي سپلاءِ تي دٻاءُ وڌائي ڇڏيو آهي، جنهن جي نتيجي ۾ قيمتن ۾ اضافو ٿيو آهي. پاڪستان جو دورو مفيد رهيو مثبت صلاح مشورا ٿيا: عراقچي ايراني پرڏيهي وزير عباس عراقچي پنهنجي اسلام آباد جي دوري کي تمام گهڻو مفيد قرار ڏنو ۽ چيو تہ پاڪستاني عملدارن سان مثبت صلاح مشورا ٿيا.ماسڪو پهچڻ تي ايراني ميڊيا سان ڳالهائيندي عباس عراقچي چيو تہ هو علائقائي ۽ عالمي معاملن تي ايران ۽ ماسڪو جي وچ ۾ ويجهي صلاح مشورا جاري رکڻ جي مقصد سان روس آيو آهي. هواڄ روسي صدر ولاديمير پيوٽن سان ملاقات ڪندو.هن چيو تہ روسي صدر سان ملاقات جنگ جي پيش رفت ۽ موجوده صورتحال جو جائزو وٺڻ جو هڪ سٺو موقعو هوندو. هن کي يقين آهي تہ ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ صلاح مشورا ۽ هم آهنگي خاص اهميت جي حامل هوندي. ايراني پرڏيهي وزير چيو تہ پاڪستان جو دورو تمام گهڻو مفيد هو. اسلام آباد جي دوري دوران عملدارن سان مثبت صلاح مشورا ڪيا ويا. اسلام آباد جي دوري دوران، عملدارن گذريل واقعن ۽ انهن مخصوص حالتن جو جائزو ورتو جن تحت ايران_آمريڪا ڳالهيون جاري رکي سگهجن ٿيون. عباس عراقچي چيو تہ عمان جي دوري دوران ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ آبنائي هرمز تي ڳالهہ ٻولهہ ٿي. ايران ۽ عمان آبنائي هرمز جا ساحلي ملڪ آهن. تنهن ڪري ٻاهمي صلاح مشورا ناگزير آهن. خاص طور تي اهڙي وقت ۾ جڏهن هن گذرگاهہ مان محفوظ گذرڻ هڪ اهم عالمي مسئلو بڻجي چڪو آهي.هن چيو تہ آبنائي هرمز جي ساحلي ملڪن جي حيثيت سان، ٻاهمي مفادن جي حفاظت لاءِ ڳالهيون ڪرڻ قدرتي آهي. ٻن ساحلي ملڪن جي حيثيت سان، اسان کي هر ممڪن قدم تي هم آهنگي برقرار رکڻ گهرجي. چاڪاڻ تہ اهو ٻنهي جي مفاد ۾ آهي.هن چيو تہ ايران ۽ عمان جي وچ ۾ هڪ اعليٰ سطحي معاهدو آهي. ۽ ٻئي ملڪ متفق آهن تہ ماهر سطح تي بہ صلاح مشورا جاري رهندا.ايراني پرڏيهي وزير عباس عراقچي چيو آهي تہ اسان جا پاڙيسري اسان جي ترجيح آهن. عماني ميزبانن جو انهن جي گرمجوشي سان مهمان نوازي لاءِ شڪر ادا ڪيو هڪ بيان ۾، عباس عراقچي چيو تہ عمان ۾ ڳالهين دوران، انهن هرمز ۾ محفوظ آمدورفت کي يقيني بڻائڻ تي بحث ڪيو.هن چيو تہ عماني ميزبانن سان ٻطرفي معاملن ۽ علائقائي صورتحال تي اهم ڳالهيون ٿيون. ياد رهي تہ ڪالهہ عمان جي سلطان هيثم بن طارق السعيد ۽ ايراني پرڏيهي وزير عباس عراقچي ملاقات ڪئي. قطري وزيراعظم جو سعودي پرڏيهي وزير کي فون، آمريڪا_ايران تڪرار ۽ علائقائي صورتحال تي بحث قطر جي وزيراعظم شيخ محمد بن عبدالرحمان بن جاسم الثاني سعودي پرڏيهي وزير شهزاده فيصل بن فرحان بن عبدالله السعود کي ٽيليفون ڪيو. جنهن ۾ آمريڪا، ايران ۽ علائقائي صورتحال تي بحث ڪيو ويو.قطري ميڊيا موجب، ٻنهي اڳواڻن گڏيل طور تي خطي ۾ جنگ جي ٻيهر شروعات جي خطرن تي ڳڻتي جو اظهار ڪيو، هن موقعي تي خطي ۾ تڪرار گهٽائڻ ۽ امن ۽ استحڪام کي فروغ ڏيڻ لاءِ جاري سفارتي ڪوششن تي پڻ بحث ڪيو ويو.بيان ۾ چيو ويو آهي تہ ٻنهي ڌرين اهڙين ڪوششن تي زور ڏنو جيڪي تڪرار گهٽ ڪن ۽ خطي ۾ سيڪيورٽي ۽ استحڪام کي مضبوط ڪن. قطري وزيراعظم زور ڏنو تہ سڀني ڌرين کي جاري ثالثي جي ڪوششن جو مثبت جواب ڏيڻ گهرجي تہ جيئن بحران جي بنيادي سببن کي حل ڪرڻ جو رستو هموار ٿي سگهي. يو اي اي جي پرڏيهي وزير جو آمريڪي هم منصب سان رابطو، وچ اوڀر جي صورتحال تي بحث يو اي اي جي پرڏيهي وزير عبدالله بن زايد آمريڪي پرڏيهي وزير مارڪو روبيو سان ٽيليفون تي ڳالهہ ٻولهہ ڪئي. ٻنهي اڳواڻن ايراني ميزائل حملن جي خطي ۽ عالمي امن تي اثرن جو جائزو ورتو. يو اي اي آمريڪي حمايت ۽ يڪجهتي لاءِ شڪرگذاري جو اظهار ڪيو. اڳواڻن خطي ۾ پائيدار امن ۽ استحڪام لاءِ گڏيل قدمن تي بحث ڪيو.

بقايا 18 *

مئي تائين واڌ ڪري ڇڏي آهي ڪيس جي ٻڌڻي جج امجد علي شاهہ ڪئي، جنهن ۾ بشريٰ بي بي پنهنجي وڪيل فيصل ملڪ ۽ قانوني ٽيم سان گڏ عدالت ۾ پيش ٿي. ٻڌڻي دوران جاچ آفيسرن جي غير موجودگي سبب ڪارروائي اڳتي نہ وڌي سگهي، جنهن تي عدالت ڪيس جي ٻڌڻي ملتوي ڪري ڇڏي. عدالت ايندڙ ٻڌڻي تي جاچ آفيسرن جي موجودگي کي يقيني بڻائڻ جون هدايتون پڻ جاري ڪيون آهن

بقايا 19 *

ب منعقد ٿي. صدر آصف علي زرداري خصوصي طور تي تقريب ۾ شرڪت ڪئي جنهن ۾ سامونڊي پاڻي استعمال جوڳو بڻائڻ، زرعي ٽيڪنالاجي ۽ چانهہ جي شعبي ۾ تعاون جي ناهن تي صحيحون ڪيون ويون. مفاهمتي يادداشتون اهم شعبن ۾ عملي تعاون جي فروغ جي نئين ڪوشش جي عڪاسي ڪن ٿيون. پهرين مفاهمتي يادداشت سنڌ جي بلديات کاتي ۽ اوشيئن انوائرمنٽل ٽيڪنالاجي گروپ جي وچ ۾ طئي ٿي. ڪراچي شهر کي پاڻي جي فراهمي ۽ اضافي جي لاءِ سامونڊي پاڻي کي مٺو بڻائڻ جي منصوبي تي تعاون ڪيو ويندو. سنڌ جي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ ۽ اوشيئن انوائرمنٽل ٽيڪنالاجي گروپ جي پارٽي برانچ جي سيڪريٽري ۽ چيئرمين يوهوئي صحيحون ڪيون. ٻيو ناهہ سنڌ جي بلديات کاتي ۽ لانگ پن هاءِ ٽيڪ انفارميشن ڪمپني جي وچ ۾ زرعي ٽيڪنالاجي ۾ تعاون جي لاءِ طئي ٿيو ناهہ تي سنڌ جي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ ۽ چيني ڪمپني ڀاران چيئرمين چن زي شين صحيحون ڪيون. ٽئين مفاهمتي يادداشت چانهہ جي شعبي بابت آهي جيڪا مسڪي اينڊ فيمتي ٽريڊنگ ڪمپني، هونان ٽي گروپ ۽ جيالونگ انٽرنيشنل ٽيڪنالاجي (هينان) جي وچ ۾ طئي ٿي. پاڪستان ڀاران سينيٽر سليم مانڊوي والا ايمرا ۽ يو تي صحيحون ڪيون. هونان ٽي گروپ جي پارٽي سيڪريٽري ۽ چيئرمين ٿو ژونگ وانگ ۽ هينان جيالونگ انٽرنيشنل ٽريڊ ٽيڪنالاجي جي چيئرمين هائو جيالونگ صحيحون ڪيون. ناهہ جو مقصد صنعت جي سمورن شعبن ۾ تعاون کي فروغ ڏيڻ آهي. چانهہ جي صنعت جي ترقي ۾ پائيدار ۽ اقتصادي، واپاري ۽ عوامي رابطن کي پڻ مضبوط بڻايو ويندو. سنڌ جي وڏي وزير جو سيڪريٽري ۽ پبلڪ پارٽنرشپ منصوبن بابت خاص معاون قاسم نويد قمر، سنڌ جو چيف سيڪريٽري، علي حسن بروهي ۽ چين ۾ پاڪستان جو سفير خليل هاشمي پڻ موجود هئا.

بقايا 20 *

ڪيو ويو. پرڏيهي ميڊيا مطابق زلزلو مقامي وقت مطابق صبح جو 5 لڳي 24 منٽن تي آيو . اختيارين مطابق زلزلي جي اونهائي اٽڪل 80 ڪلو ميٽرن تائين هئي جڏهن تہ هوڪائيڊو جي مختلف علائقن خاص ڪري اوراهورو ۾ ان جي شدت جاپاني سيسمڪ اسڪيل تي وڌيڪ رڪارڊ ڪئي وئي . زلزلي جو مرڪز 42.6 ڊگري ۽ اتر طرف هو . اختيارين واضح ڪيو تہ زلزلي سبب ڪنهن بہ قسم جي سونامي وارننگ جاري ناهي ڪئي وئي . شروعاتي اطلاع مطابق زلزلي جي نتيجي ۾ ڪنهن بہ جاني يا مالي نقصان جو ڪو اطلاع ناهي مليو. لاڳاپيل ادارن جي صورتحال تي نظر رکيل آهي.

بقايا 21 *

۾ گهٽ ۾ گهٽ 42 ڄڻا قتل ۽ 10 زخمي ٿي پيا. پرڏيهي ميڊيا موجب اهو واقعو گذريل ڏينهن ان وقت پيش آيو، جڏهن پاڻيءَ جي هڪ مقام تي ٻن ڄڻن جي وچ ۾ جهيڙو ٿي پيو جيڪو برادرين وچ ۾ تڪرار جي شڪل اختيار ڪري ويو. چاڊ جي نائب وزيراعظم ليماني محمد صورتحال جو جائزو وٺڻ لاءِ هڪ وفد سان گڏ ڳوٺ جو دؤرو ڪيو. هن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو تہ بدقسمتيءَ سان 42 ڄڻا قتل ۽ 10 زخمي ٿيا آهن. هن چيو تہ اسان سوڳوار ڪٽنبن سان دلي تعزيت جو اظهار ڪريون ٿا. نائب وزيراعظم وڌيڪ چيو تہ زخمين کي اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي. چاڊ ۾ اهي چڪريون عام آهن. جيڪي اڪثر زمين جي تڪرارن سبب ٿين ٿيون.

بقايا 22 *

رڪنڊ ليفٽيننٽ محمد بلال نديم جي قيادت ۾ سندس يونٽ دشمن کي وڏو نقصان پهچايو. تفصيل موجب حق جي ويڙهہ دوران ليفٽيننٽ محمد بلال نديم آرٽلري آبزرور جي ڊيوٽي سرانجام ڏئي رهيو هو. هو بهادريءَ سان آبزرويشن پوسٽ تان پنهنجي يونٽ جي فائر جي نگراني ڪندو رهيو. سندس يونٽ جي زبردست گولہ باري سان دشمن کي وڏو نقصان پهتو. دشمن جي ٻن پوسٽن اڇا جهنڊا ڦڙڪائي شڪست جو اعتراف ڪيو. ليفٽيننٽ محمد بلال نديم چيو تہ هڪ فوجي لاءِ وطن جي عزت کان وڌيڪ ڪجهہ ناهي. حق جي ويڙهہ ۾ مثالي ڪارڪردگي تي کيس تمغہ بسالت سان نوازيو ويو.

بقايا 23 *

ماڻهن کي ليبر ميڊلز سان نوازيو ويندو. پرڏيهي ميڊيا آل چائنا فيڊريشن آف ٽريڊ يونينز جي حوالي سان ٻڌايو تہ مزدورن جي عالمي ڏهاڙي جي موقعي تي يوم مئي ليبر ايوارڊ جي حوالي سان ڪانفرنس 28 اپريل اڱاري ڏينهن ٿيندي جنهن ۾ 3024 ماڻهن کي قومي يوم مئي ليبر ميڊل سان نوازيو ويندو. جنهن ۾ 379 قومي يوم مئي ليبر سرٽيفڪيٽ 1462 نيشنل مئي ڊي ليبر ايوارڊز ۽ 1183 نيشنل ورڪر پائيرز کي شامل ڪيو ويو آهي.

بقايا 24 *

پنهنجي دوستاڻن لاڳاپن کي تمام گهڻي اهميت ڏئي ٿو. هن ان عزم کي ورجايو تہ ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ موجوده لاڳاپا مستقبل ۾ وڌيڪ مضبوط ٿيندا. سومر تي ايوان صدر جي پريس ونگ ڀاران جاري ڪيل هڪ پيغام ۾، صدر آصف علي زرداري ڏکڻ آفريڪا جي صدر ماٽاميلا سيرل رامافوسا ۽ ڏکڻ آفريڪا جي عوام کي انهن جي قومي ڏينهن تي مبارڪباد ڏيندي چيو تہ پاڪستان ڏکڻ آفريڪا سان پنهنجي دوستاڻن لاڳاپن کي تمام گهڻي اهميت ڏئي ٿو جيڪي هڪجهڙن قدرن. گڏيل اعتماد ۽ امن، ترقي ۽ گهڻ طرفي تعاون جي گڏيل عزم تي ٻڌل آهن. صدر آصف علي زرداري ڏکڻ آفريڪا ۾ نسل پرست (اپارٿائيڊ) جي حڪومت جي دور ۾ پاڪستان جي اصولي موقف جو ذڪر ڪندي چيو تہ 1948ع ۾ ئي پاڪستان ڏکڻ آفريڪا جي نسل پرست حڪومت سان گڏوگڏ اسرائيل کي تسليم ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هو. صدر آصف علي زرداري چيو تہ ماڻهن کي اڃا تائين پاڪستاني پاسپورٽ تي لڳل اها مُهر اڃان ياد آهي جنهن تي لکيل هوندو هو تہ، هي پاسپورٽ ڏکڻ آفريڪا (نسل پرست) ۽ اسرائيل لاءِ ڪارآمد نہ آهي، ۽ اهو 1994ع ۾ ڏکڻ آفريڪا ۾ نسل پرستي جي خاتمي تائين جاري رهيو. صدر آصف علي زرداري ان يقين جو اظهار ڪيو تہ ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ موجوده لاڳاپا ايندڙ سالن ۾ وڌيڪ مستحڪم ٿيندا. جيڪي ٻنهي قومن جي عوام لاءِ وڌيڪ خوشحالي ۽ ڀلائي جو سبب بڻجندا.

بقايا 25 *

ي انٽرنيشنل پاڪستان طرفان سئي ناردن گئس پائپ لائن لميٽيڊ جي خلاف پيمرا قائدن جي ڀڃڪڙي جي شڪايت جو نوٽس وٺندي لاڳاپيل عملدارن کي جاچ جي هدايت ڪئي آهي سومر تي جاري ڪيل حڪم موجب وزيراعظم حڪم ڏنو تہ ٽرانسپيرنسي شڪايت تي شفاف جاچ ڪئي وڃي ۽ شڪايت جي تصديق جي صورت ۾ ذميدارن جي خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي

بقايا 26 *

رضوي جي سربراهي ۾ ٻه رڪني بينچ ڪئي، وفاقي آئيني عدالت جي هن فيصلي کان پوءِ، حڪومت کي هاڻي شهرين جا نالا پاسپورٽ ڪنٽرول لسٽ ۾ شامل ڪرڻ ۽ انهن جي پاسپورٽ کي غير فعال ڪرڻ جو قانوني اختيار ٻيهر حاصل ٿي ويو آهي. عدالت هن حوالي سان لاهور هاءِ ڪورٽ جي اڳوڻي فيصلي کي معطل ڪري ڇڏيو آهي ۽ باقاعده ٻڌڻي لاءِ حڪومت جي اپيل قبول ڪري ورتي آهي. ٻڌڻي دوران ايڊيشنل اٽارني جنرل عامر رحمان عدالت کي ٻڌايو تہ لاهور هاءِ ڪورٽ پاسپورٽ ۽ اميگريشن کاتي جي رولز نمبر 3 ۽ 10 کي ڪالعدم قرار ڏنو آهي. جنهن خلاف حڪومت اپيل داخل ڪئي آهي. هڪ خاص ڪيس جو حوالو ڏيندي، هن چيو تہ فرحان علي نالي هڪ شهري غير قانوني طور تي ايران ويو هو جنهن کي ملڪ بدر ڪيو ويو هن غير قانوني قدم جي بنياد تي، سندس نالو پي سي ايل يا پاسپورٽ ڪنٽرول لسٽ ۾ شامل ڪيو ويو ٻڌڻي دوران جسٽس حسن اظهر رضوي دلچسپ ۽ اهم سوال اٿاريا. هن پڇيو تہ ڇا هي ماڻهن جي ڏوڪو ڏئي غير قانوني طور تي سرحد پار ڪرڻ جو معاملو آهي. هن وڌيڪ پڇيو تہ ڇا هي شخص پاڻ ڇڏڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو يا هو ماڻهن کان پئسا وٺي انهن کي اٽلي موڪلڻ ۾ ملوث هو. جسٽس حسن اظهر رضوي ايف آءِ اي کان پڇيو تہ ڇا هن معاملي ۾ جاچ اڃا تائين مڪمل ٿي چڪي آهي. ايڊيشنل اٽارني جنرل عدالت کي جواب ڏيندي چيو تہ هن وقت ايف آءِ اي کان ان حوالي سان ڪا بہ تازي معلومات نہ ملي آهي. ڌرين جا دليل ٻڌڻ کان پوءِ عدالت لاهور هاءِ ڪورٽ جي فيصلي کي معطل ڪرڻ جو حڪم جاري ڪيو ۽ سڀني ڌرين کي نوٽيس موڪليا. ڪيس جي ٻڌڻي غير معين مدت تائين ملتوي ڪري ڇڏي.

بقايا 27 *

رز ملاقات ڪئي، ملاقات ڪندڙن ۾ پنجاب يونيورسٽي جو وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر محمد علي، ملتان يونيورسٽي آف سائنس اينڊ ٽيڪنالاجي جو وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر ارشد علي، ۽ يونيورسٽي آف ويٽرنري اينڊ اينيمل سائنسز لاهور جو وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر مسعود رباني شامل هئا. يوسف رضا گيلاني سان ملاقات ۾ اعليٰ تعليم، تعليمي معيار، ادارتي ترقي ۽ يونيورسٽين کي درپيش مسئلن تي تفصيلي بحث ڪيو ويو قائم مقام صدر سيد يوسف رضا گيلاني هن موقعي تي چيو تہ تيزي سان بدلجندڙ عالمي صورتحال ۾، ضروري آهي تہ اعليٰ تعليمي ادارا روايتي تدريس کان اڳتي وڌن ۽ تحقيق، تنقيدي سوچ، جدت ۽ صلاحيتن جي ترقي تي خاص ڌيان ڏين تہ جيئن نوجوان نسل مستقبل جي گهرجن مطابق تيار ٿي سگهي.هن چيو تہ يونيورسٽين کي قومي ترقي جي مقصدن سان هم آهنگ ڪري سماجي ۽ اقتصادي چئلينجن کي منهن ڏيڻ ۾ پڻ سرگرم ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي، ملاقات دوران، وائيس چانسلرن اهم معاملن تي پنهنجا خيال ظاهر ڪيا جن ۾ جديد خطن تي نصاب جي جوڙجڪ، استادن جي صلاحيت وڌائڻ، تحقيق جي فنڊنگ ۽ صنعت ۽ يونيورسٽين جي وچ ۾ رابطن کي فروغ ڏيڻ شامل آهن.هن يونيورسٽين جي وچ ۾ ٻاهمي تعاون وڌائڻ ۽ سرڪاري ۽ خانگي شعبن سان مضبوط ڀائيواري کي فروغ ڏيڻ جي ضرورت تي زور ڏنو تہ جيئن جدت، روزگار جا موقعا ۽ تعليمي ترقي کي وڌيڪ مضبوط بڻائي سگهجي، قائم مقام صدر چيو تہ تعليمي پروگرامن کي قومي ترجيحن ۽ جديد دور جي گهرجن سان هم آهنگ ڪرڻ وقت جي ضرورت آهي. هن زور ڏنو تہ يونيورسٽين کي نوجوانن ۾ ڪاروباري صلاحيتن، رواداري، شموليت، جمهوري قدرن ۽ سماجي ذميواري جي احساس کي فروغ ڏيڻ ۾ پڻ اهم ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي.اعليٰ تعليمي ادارن جي مدد ڪرڻ ۽ انهن کي عالمي معيار جو بڻائڻ لاءِ حڪومت جي عزم کي ورجائيندي، هن چيو تہ تعليمي نتيجا معياري تعليم، هنر جي ضمانت، تعليم تائين رسائي کي وڌائڻ ۽ جديد ٽيڪنالاجي جي اثرائتي استعمال ذريعي وڌيڪ بهتر بڻائي سگهجن ٿا.

بقايا 28 *

ي لاءِ وڏي رڪاوٽ ۽ اداره جاتي اڻبرابري قرار ڏيندي ان تي سخت خدشن جو اظهار ڪيو آهي. پرڏيهي ميڊيا موجب يورپي يونين جو ايڪٽ بيٽريز اليڪٽرڪ گاڏيون، فوٽو وولٽائڪس ۽ اهم خام مال جهڙن 4 اهم شعبن ۾ پرڏيهي سيڙپڪاري تي پابنديون لاڳو ڪري ٿو جڏهن تہ بيان ۾ چيو ويو آهي تہ ان قانون ۾ يورپي يونين جي مقامي مواد بابت شرط بہ شامل آهن جيڪي سيڙپڪاري ۽ مدد جي پاليسين ۾ اڻبرابري جي نوعيت رکن ٿا. چين جي واپار واري وزارت ان حوالي سان يورپي يونين ڪميشن کي باضابطہ طور تي پنهنجي خدشن کان آگاهہ ڪندي تبصرا جمع ڪرائي ڇڏيا آهن. چين موجب اهو قانون عالمي اصولن جي خلاف ورزي جو سبب بڻجي سگهي ٿو. وڌيڪ چيو ويو آهي تہ اهو قدم نہ رڳو چين جي سيڙپڪارن سان اڻبرابري جو سلوڪ هوندو پر يورپي يونين جي گرين ٽرانزيشن کي بہ سست ڪري سگهي ٿو ۽ منصفاڻي چٽاپيٽي کي بہ متاثر ڪندو. چين يورپي يونين تي زور ڀريو آهي تہ هو پرڏيهي سيڙپڪاري خلاف اڻبرابري جا شرط ، مقامي مواد جو لازمي شرط ٽيڪنالاجي جي منتقلي جي گهرج ۽ سرڪاري خريداري ۾ پابنديون ختم ڪري. ترجمان واضح ڪيو تہ چين ان قانون سازي جي عمل تي گهري نظر رکندو ۽ يورپي يونين سان ڳالهيون جاري رکڻ جو خواهشمند آهي جڏهن تہ چين جي ڪمپنين جي مفادن کي نقصان ٿيو تہ مناسب جوابي قدم کنيا ويندا.

بقايا 29 *

ي جي ٽينڪ ۾ ڪري فوت ٿي وئي. پوليس موجب، واقعو پيري سنڌي ڳوٺ ڊر محمد ڳوٺ ۾ ناهہ علي امام بارگاهہ جي ويجهو پيش آيو فوت ٿيل ڇوڪري جي سڃاڻپ 3 سالن جي بيبي شفا جي نالي سان ٿي آهي، جيڪا رشيد جي ڌيءُ هئي. ڇوڪري جي لاش کي ايڌي ايمبولينس ذريعي ويجهي اسپتال پهچايو ويو. ايس ايڇ او بن قاسم ٽائون فيصل رفيق موجب، ڇوڪري جو پيءُ هڪ محنتي ڊرائيور آهي جيڪو واقعي وقت گهر تي هو. جڏهن تہ ماءُ گهر جي ڪمن ۾ مصروف هئي، ان دوران، ڇوڪري راند ڪندي هڪ زير زمين پاڻي جي ٽينڪ ۾ ڪري پئي، جنهن جي نتيجي ۾ سندس موت واقع ٿيو پوليس ضروري قانوني ڪارروائي مڪمل ڪرڻ کان پوءِ ڇوڪري جو لاش وارثن حوالي ڪري ڇڏيو آهي. ان واقعي علائقي ۾ ڏک جي فضا پيدا ڪري ڇڏي آهي، جڏهن تہ شهرين کي هدايت ڪئي پئي وڃي تہ اهي اهڙن سانحن کان بچڻ لاءِ گهرن ۾ حفاظتي اپاءَ وٺن

بقايا | عوامي سوچ | 01

پروفيسر عبدالخالق ميمڻ، غلام سرور آرائين، ڊاڪٽر سيد هاشم شاهه، پروفيسر قربان علي سهتو ،ٽي اي او لياقت علي لاڙڪ، ٽي اي او نصير نانگور ،ٽي اي او شمس الدين لغاري، ٽي اي او محمد حسن ويسر ،ٽي اي او بختيار احمد چنا، ٽي اي او ظفر ٻانيڻ ،پروفيسر ايوب سيال، پروفيسر نورالدين شيخ ،هيڊ ماستر ممتاز ٻوهيو ،پروفيسر نعمت الله ميمڻ، پروفيسر عرفان ميمڻ، هيڊماستر عظيم راڄپر ، هيڊ ماستر جاويد راڄپر، سيد ساجد علي شاهه ،هيڊ ماستر لقمان جوکي، محمد نواز پٽي، استاد الطاف حسن سهتو، غلام سرور تنيو،غلام جعفر تانوري، توقير ميمڻ ،حنيف سهتو ، الهورايو پنيرو ، ڊاڪٽر حبيب الله پٽو، ارشد حسين شيخ ،فقير فيض محمد شيخ، وقار حطار، مجاهد علي سامٽيو ،فائق علي ميمڻ، مولا بخش ميمڻ، سريچند اڏلاڻي ،سيد عظيم علي شاهه، مسعود شاهه، احسان شاهه، سيد نياز حسين شاهه، عطا حسين سهتو ،عرفان حاجاڻو، عاشق حسين آرائين، پروفيسر غلام اصغر راجپوت، پرويز علي نانگراج ،مير ذاهد حسين ٽالپر ،صمد ميمڻ ،طاهر حسين پنيرو ،استاد ابراهيم نانگراج ،استاد فرحاد ميمڻ ،استاد اظهر سهتو ،علي اڪبر چاچڙ، مور سنڌي ،وحيد چنا، ڊاڪٽر مجيب الرحمان پنيرو ،جام مسرور پنبرو ، سيد وسيم علي شاهه، خواجه غلام اڪبر ،دودل خان نوح پوٽو ،ڪفايت علي جانوري اختر ڏاهري، فتاح ڏاهري ،استاد بخشل راهو، رميز پنيرو ،فاروق راجپوت وهاب ٽيبو ،يوسف سهتو عبد الصمد پنيرو ،فاروق حيدر پنيرو ،طلعت سهتو ،نديم چراح، ،بلال ميمڻ مريد حسين گوپانگ ۽ ٻيا ان موقعي تي گڏ هئا ان موقعي تي آيل مهمانن تي گل نڇاور ڪيا ويا. افتتاحي تقريب ۾ پاڪستان جو قومي جهنڊي جي پرچم ڪشائي ڪئي وئي ۽ قومي ترانو پيش ڪيو ويو. آيل سڀني مهمانن کي سنڌ جي ثقافت اجرڪن ۽ لونگين جا تحفا پيش ڪيا ويا. تقريب کي خطاب ڪندي مهمان خاص ڊي اي او غلام حسين هليو ،پروفيسر عبدالسميع پنيرو پروفيسر عبدالخالق ميمڻ ،پروفيسر ڊاڪٽر ذوالفقار علي جلباڻي ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته نهايت خوشي واري خبر آهي. جو هتي هڪ جديد سائنٽفڪ اداري جو قيام عمل ۾ آيو آهي جنهن مان نوجوان شاگرد فائدو حاصل ڪن. هن وڌيڪ چيو ته استادن جي بهترين فيڪلٽي موجود آهي. جيڪا شاگردن کي تعليم، مستقبل جي سنوار ۾ تبديلي آڻيندي، ان موقعي تي دي سمارٽ مائينڊس پبلڪ هاءِ اسڪول انتظاميا پاران اعلان ڪيو ويو ته شاگردن کان جون جولاءِ جي فيس نه ورتي ويندي. جڏهن ته جون جولاءِ ۾ مفت ڪلاس هلايا ويندا. جڏهن ته 15٪ فيس ۾ خصوصي رعايت ڏني ويندي ۽ تعليم معياري هوندي. ۽ ٻين تعليمي ادارن کان فيس گهٽ ورتي ويندي. آخر ۾ سڀني کي مانجهاندو ڪرايو ويو

بقايا | عوامي سوچ | 02

ي تي سهولت ڪاري جو ڪيس داخل ڪري 10 جوابدارن جي گرفتاري ظاهر ڪئي وئي آهي تنڊومستي پوليس پاران ڪيس ۾ چاڙهيو ويو آهي ته گرفتار جوابدارن پاران روبينا عرف خالدان چانڊيو قتل ڪيس ۾ ملوث روپوش جوابدارن عباس عرف باجو ،پهلوان ،نورو ۽ ٻين کي پناهه ڏني جن جي موجودگي جي ڳجهي اطلاع تي جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ڇاپو هنيو هيو جتان قتل ڪيس ۾ ملوث جوابدار فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا جڏهن ته ڏهه جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو جن جي سڃاڻپ مولوي منير احمد چانڊيو، گهنور چانڊيو ،محمد امين چانڊيو منظور احمد چانڊيو، جاويد احمد چانڊيو، گلشن چانڊيو ،امداد چانڊيو، محمد سليم چانڊيو، محمد اعظم چانڊيو ۽ ٻين طور ٿي پڪڙيل جوابدارن مٿان تنڊومستي ٿاڻي تي سرڪار پاران فريادي ٿي ڏوهه نمبر 89 _2026 آرٽيڪل 216 پي پي سي تحت ڪيس داخل ڪيو ويو جن کي خيرپور جي عدالت ۾ پيش ڪيو ويندو

بقايا | عوامي سوچ | 03

عضو ڪٽي ڇڏيو سيد احمد علي شاهه ولد مولڏنو شاهه مبينا طور پنهنجي نازڪ عضوي کي ڪٽي ڇڏيو، جنهن بعد ڪيس ڳڻتي جوڳي حالت ۾ سول اسپتال مڪلي منتقل ڪيو ويو.متاثر نوجوان جي ڀاءُ ابراهيم شاهه جو چوڻ آهي ته سندن ڀاءُ ڪافي عرصي کان ذهني بيماري ۾ مبتلا آهي، جنهن سبب هن انتهائي قدم کنيو. هن وڌيڪ الزام لڳايو ته اسپتال ۾ مناسب علاج نه ملڻ ۽ ڊاڪٽرن ڪيس واپس گهر موڪلي ڇڏيو ابراهيم شاهه روئيندي اپيل ڪئي ته سندن خاندان غريب آهي ۽ علاج ڪرائڻ جي سگهه نٿو رکي، تنهنڪري صاحب حيثيت ماڻهن ۽ فلاحي ادارن کان مالي مدد جي ضرورت آهي ته جيئن نوجوان جي زندگي بچائي سگهجي.

بقايا | عوامي سوچ | 04

سخت پريشاني کي منهن ڏيڻ کان پوءِ پرائيويٽ اسپتالن، يا حيدرآباد جي سرڪاري اسپتالن وڃن ٿا، ۽ وقت سر، زخمين کي ويڪسين نه ملڻ ڪري غريب ماڻهو پريشان ٿيو وڃن، اڄوڪي ڏينهن ۾ چتي ڪتي ٻن ماڻهن هڪ عورت سميت پورو خان ساهووال کي پڻ چتي ڪتي ڏاڙهي سنڌس ٻانه زخمي ڪري ڇڏي آهي ان صورتحال کي مقامي ماڻهن نظر هيٺ رکندي ٽائون ڪميٽي انتظاميا کي ذميوار قرار ڏنو آهي ته ڪتن مارڻ جي لاءِ چو سست رفتاري ڪئي پئي وڃي، هوڏانهن سرڪاري اسپتال رورل هيلٿ سينٽر جيڪا 22 بسترن تي جڙيل آهي جنهن عوام کي علاج بابت ڪو به رليف نه ڏئي سگهي آهي، اسپتال صرف مقرر عملي جي لاءِ تفريح گاهه بڻيل آهي، هتان جي متاثر ٿيل رهواسين جو چوڻ آهي آهي اسپتال ۾ ڪا به علاج جي سهوليت ناهي ۽ اسپتال ۾ دوائون صرف ڪاغذن تائين محدود آهن، جڏهن اسپتال ۾ ايمرجنسي جي حالت ۾ چتي ڪتي جي انجيڪشن نٿي ملي ته هو عوام کي علاج جي ڪهڙي سهولت ڏيندي، اسپتال جون دوائون سڀ ڊاڪٽرن جي ذاتي اسٽورن تي وڪرو ٿي رهيون آهن هتان جي سياسي سماجي ۽ سڃاڻ حلقن حڪومت سنڌ کان مطالبو ڪيو آهي ته اوڏيرولال اسٽيشن شهر جي رورل هيلٿ جي عملي جو قبلو درست ڪري مٿن آفيسلي انڪوائري قائم ڪري اسپتال ۾ ايمرجنسي جي حالت ۾ استعمال ايندڙ دوائون مهيا ڪري شهرين مان پريشاني ختم ڪرائي وڃي

بقايا | عوامي سوچ | 05

ت ڊپٽي ڊائريڪٽر لائيواسٽاڪ ٺٽو ڊاڪٽر فياض وڳڻ، ڊاڪٽر حبيب لغاري (بروڪ) ڊاڪٽر شاهد ضلعي فيلڊ مينيجر، ڊاڪٽر صدف راڄپر ليڊي لائيو اسٽاڪ سپروائزر، ڊاڪٽر جميل ويسر، ڊاڪٽر سلمان شاهه (سپوا) جنرل سيڪريٽري سنڌ غلام مهدي ويسر سميت آفيس جي عملي سان گڏ ملازمن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪري يڪجهتي جو اظهار ڪيو. منعقد ڪيل تقريب کي خطاب ڪندي ڊپٽي ڊائريڪٽر لائيو اسٽاڪ ٺٽو ڊاڪٽر فياض وڳڻ ۽ بروڪ جي ڊاڪٽر حبيب لغاري چيو ته اڄ سڄي دنيا اندر وٽرنري جو عالمي ڏيهاڙو ملهايو پيو وڃي، اسان انهن سان يڪجهتي ڪريون ٿا، جن جو خدمتون به ساراهه جوڳيون آهن، هنن چيو ته وٽرنري ڊاڪٽر چوپائي مال جي بهتري لاءِ سنو ڪم ڪري انهن جي صحت، ڪاڌ خوراڪ جو خاص خيال رکن ٿا، هنن چيو ته چوپايو مال اسانکي کير ڏيڻ سان گڏ ان جو گوشت کتب اچي ٿو، چوپايو مال مالوند ماڻهن جي روزگار جو به وسيلو آهي، هنن چيو ته اسان وٽرنري آفيسرن ۽ اسٽاف کي هن ڏيهاڙي تي جس ڏيون ٿا، جيڪي رات ڏينهن مالوند ماڻهن جي چوپائي مال جي علاج و معالج ۾ مصروف بڻيل آهن، هنن چيو ته جانورن جي پالنا ڪاتي طرفان بنا ڪنهن فرق جي چوپائي مال جو علاج توڙي مفت ويڪسينيشن توڙي ٽڪا لڳائڻ واري مهم پڻ جاري آهي، جيئن چوپايو مال مختلف وچرندڙ بيمارين کان محفوظ رهي سگهي.

بقايا | عوامي سوچ | 06

جي اڳواڻي ۾ ايڊي سينٽر ٺٽو کان ٽريفڪ چوڪي تائين روڊ جي ٻنهي پاسن تي قائم غير قانوني حددخلين خلاف آپريشن ڪيو ويو. جڏهن ته حددخلين ۾ ايندڙ سامان پڻ ضلعي انتظاميه پاران ضبط ڪيو ويو آهي. ان موقعي تي اسسٽنٽ ڪمشنر ٺٽو شاڪر فهيم چيو ته ٺٽي ضلعي ۾ غير قانوني حددخلين خلاف آپريشن جاري آهي، انتظاميه نيڪ نيتي سان ڪم ڪري رهي آهي، ڪافي حد تائين حددخليون ختم ٿي ويون آهن، ماڻهن پاڻمرادو به انتظاميه جي هدايتن تي عمل ڪيو آهي. هن چيو ته ٺٽي شهر سميت مڪلي ۾ پڻ وڌندڙ حددخلين خلاف آپريشن جاري آهي، ٺٽي جي شاهي بازار مان پڻ حددخليون ختم ڪرايون وينديون. ان موقعي تي ٽپيدار نياز عباسي، آفتاب ٻجورو، نواز بروهي ۽ ٻيا پڻ موجود هئا.

بقايا | عوامي سوچ | 07

ن اچي ويا آهن، بخاري ڪالوني جي رهواسين نندي عمر جون فقيرياڻيون سلمه، سون، صنم پنهنجي ماءُ نظيران، پائرن سعيد، آصف ڪوسو دادو پريس ڪلب پهچي احتجاج ڪندي ميڊيا آڏو ڏانهيو ته بااثر ڪيبن هلائيندڙ منل سولنگي جيڪو ڪئبن تي نشي آور سوپاريون زيڊ 21 وڪرو ڪندو آهي، غريب فقيرنياڻين کي نشي آور "زيڊ 21" سوپاريون ۽ هيون شيون ڏئي ڪين بيهوش يا ڪمزور حالت ۾ آڻي ساڻن مبينا طور فحش حرڪتون ڪندو رهيو آهي، هنن وڌيڪ چيو ته جڏهن هنن اهڙين حرڪتن کان روڪڻ جي ڪوشش ڪئي ته جواب ۾ منل سولنگي سعيد ڪوسو مٿان تشدد ڪيو، جنهن سبب هو شديد خوف ۽ بيچيني جو شڪار آهن متاثر خاندان ايس ايس پي دادو کان پرزور مطالبو ڪيو ته معاملي جو فوري نوٽيس وٺي جوابدار منل سولنگي خلاف قانوني ڪارروائي ڪندي ڪيس داخل ڪيو وڃي ۽ متاثرن کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي، هوڏانهن، واقعي بعد علائقي ۾ ڏهڪاءُ پکڙجي ويو آهي ۽ شهرين به انتظاميا کان مطالبو ڪيو آهي ته اهڙن واقعن جي روڪٿام لاءِ سخت قدم کنيا وڃن.

بقايا | عوامي سوچ | 08

اڳوٽن عبيدالله بنگلاڻي مظهر عباسي ۽ٻين مطالبو ڪيو ته ملازمن جا مسئلا جلد حل ڪري ملازمن مان بيچيني ختم ڪئي وڃي جي ملازمن جا جائز مسئلا حل نه ڪيا ويا ته احتجاج تحريڪ هلائي ويندي جيستائين مسئلا نه حل ڪيا ويا تحريڪ جاري رهندي

بقايا | عوامي سوچ | 09

حيدرخاصخيلي ڪئي جڏهن تي مهمان خاص سماج سڌارڪ اديب سهراب خان ٻاتي هو گڏجاڻي ۾ ناليوارن شاعرن اديبن ليکڪن امين اڏيرائي ، فقير بلاول خشڪ، عاجزچنو حيدر امان جسڪاڻي، شاد شڪور چنو بابو بروهي، عجاز ٻرڙو فدا حسين باريجو، منظور شيراز عمراڻي، راشد راهي سميت شاعرن اديبن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي جڏهن هن دوران شاعرن گيت غزل وائي چوسٽه پيش ڪري ڀرپور داد حاصل ڪيو،

بقايا | عوامي سوچ | 10

تي فريادي ڪرشن ڏئيرو پيش ٿيو ان موقعي تي مهيشوري ايڪشن ڪميٽي جي اڳواڻ ويراڳ مل پڻ ساڻس گڏ موجود هوياد رهي ته ان افسوسناڪ واقعي جو انساني حقن واري ڪاتي، حڪومت سنڌ ۽ وزير اعليٰ سنڌ جي معاون خصوصي راج وير سنگهه سوڍا پڻ اڳ ئي نوٽيس ورتو هو جنهن بعد ڪيس کي وڌيڪ اهميت حاصل ٿي عدالتي ڪارروائي دوران فريادي ڌر جي وڪيل طور ايڊووڪيٽ سيد اعجاز شاهه پيش ٿيو ۽ ڪيس بابت عدالت آڏو پنهنجا دليل پيش ڪيا جڏهن ته انساني حقن واري ڪاتي سنڌ حڪومت جي ضلعي نٿو جي انچارج الطاف حسين تنو سان فريادي ڪرشن ڏئيرو ۽ مهشوري ايڪشن ڪميٽي جي اڳواڻ ويراڳ مل گڏجي ملاقات ڪئي ملاقات دوران هريش قتل ڪيس بابت تفصيلي ڳالهه ٻول ڪئي وئي.ان موقعي تي الطاف حسين تنو فريادي ڌر کي مڪمل تعاون جو يقين ڏياريندي چيو ته انصاف جي فراهمي لاءِ هر ممڪن قدم کنيو ويندو ۽ ڪيس کي منطقي انجام تائين پهچائڻ لاءِ سنجيده ڪوششون جاري رهنديون

بقايا | عوامي سوچ | 11

چاچا عبدالرحمان جوکيو آريپوٽو، قضا ڪندي خالق حقيقي سان وڃي مليو. مرحوم جو جنم گهاري لڳ ڪوهستان جي تاريخي ڳوٺ نبي بخش جوکيو ۾ ٿيو هو. چاچا عبدالرحمان جوکيو جي وفات سان ڪوهستان هڪ عظيم، مهمان نواز ۽ باڪردار انسان کان محروم ٿي ويو آهي. سندس اهم سڃاڻپون هي هيون:اٺن جو پارکو: ڪيس اٺن جي نسل، سونهن ۽ سار سنڀال جو وسيع تجربو حاصل هو. قدرتي لاج جو ماهر: چاچا عبدالرحمان وٽ اٺن جي بيمارين جي علاج جي قدرتي ڏات هئي، جنهن ڪري هو پوري علائقي ۾ مشهور هو ثقافتي ورثو: هو سنڌي روايتن ۽ مهمان نوازي جو هڪ زنده مثال هو مرحوم کي سوڳوار ماحول ۾ ڪوهستان جي دامن ۾ واقع عبدالله شاهه بخاري قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو. جنازي نماز ۾ علائقي جي سياسي، سماجي ۽ صحافتي شخصيتن توڙي معززين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي سندس وفات تي علائقي ۾ سوڳ واري لهر ڇانئجي وئي آهي. صحافي سٿ ۽ مختلف طبقن جي ماڻهن پاران سليمان جوکيو ۽ پونئيرن سان تعزيت جو اظهار ڪيو ويو آهي دعا آهي ته الله پاڪ مرحوم چاچا عبدالرحمان جوکيو جي مغفرت فرمائي جنت الفردوس ۾ اعليٰ مقام عطا فرمائي، سندس درجات بلند ڪري ۽ پونئيرن کي صبرِ جميل عطا فرمائي. (آمين)

بقايا | عوامي سوچ | 12

پوليو مهم کي ڪامياب بڻائڻ لاءِ جنگي بنيادن تي قدم کڻڻا پوندا. هن اهڙو اظهار ضلعي صحت آفيس ۾ 18 کان 21 مئي 2026 تائين ٿيندڙ ڪامياب پوليو مهم جي انتظامن جو جائزو وٺڻ لاءِ هڪ گڏجاڻي جي صدارت ڪندي ڪيو. ڊپٽي ڪمشنر نواب سمير حسين لغاري صحت ڪاتي جي آفيسرن تي زور آڻيندي چيو ته اهي پوليو مهم دوران غير تسلي بخش ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ پوليو ٽيمن جي سڃاڻپ ڪن ۽ انهن کي انهن جي ڪارڪردگي بهتر بڻائڻ لاءِ ذميوار بڻائين ۽ پوليو ٽيمن جي ڪارڪردگي جي نگراني ڪن. گڏجاڻي ۾ ضلعي پوليو پروگرام جي فوڪل پرسن ڊاڪٽر نارائڻ داس ۽ ضلعي پوليو ڪنٽرول پروگرام جي فوڪل پرسن ڊاڪٽر جمشيد خانزاده چيو ته پوليو مهم کي ڪامياب بڻائڻ لاءِ سڀئي انتظام آخري مرحلن ۾ آهن. انهن وڌيڪ چيو ته ضلعي ۾ پيدائش کان وٺي پنج سالن جي عمر تائين 360,096 ٻارن کي پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پيارڻ جو هدف مقرر ڪيو ويو آهي. ان سلسلي ۾ 1155 موبائل ٽيمون، 76 فڪسڊ ٽيمون، 44 ٽرانزٽ ٽيمون، 263 ايريا انچارج، 41 يو سي ايم او مقرر ڪيا ويا آهن. ان کان بعد گذريل پوليو مهم ۾ شاندار ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ مختلف ادارن ۽ پوليو ورڪرن ۾ سرٽيفڪيٽ پڻ ورهايا ويا. گڏجاڻي ۾ ايڊيشنل ڊائريڪٽر لوڪل گورنمينٽ عبدالوهاب عباسي، ضلعي مئنيجر پي پي ايڇ آءِ اي محمد ابراهيم ڪنيار، اسسٽنٽ ڪمشنر ميرپورخاص غلام حسين ڪانيهو، اسسٽنٽ ڪمشنر شجاع آباد مهوش اعجاز، تعليم ڪاتي، خانگي اسڪولن جي ادارن، سرسو ۽ صدر آل پرائيويٽ اسڪولز مينيجمنٽ فيصل خان زئي، ايريا انچارجن ۽ لاڳاپيل شعبن جي آفيسرن شرڪت ڪئي.

بقايا | عوامي سوچ | 13

پورهيتن هماليين سخت احتجاج ڪندي خريداري فوري طور بحال ڪرڻ جو مطالبو ڪري ڇڏيو آهي. پورهيتن جو چوڻ آهي ته هڪ مهيني اندر چار ڊي ايف سي آفيسرن جون بدليون ۽ فوڊ انسپيڪٽرن جي مٿاستا سبب نظام درهم برهم ٿي ويو آهي، جنهن ڪري مرڪز بند ٿيڻ سان هو بيروزگار ٿي ويا آهن احتجاج ڪندڙ پورهيتن ڏانهن ڪئي ته جيڪڏهن فوري طور تي ڪٽڪ جي خريداري شروع نه ڪئي وئي ته سندن گهرن جا چلها بند ٿي ويندا هنن اهو پڻ چيو ته گذريل سال ڊي ايف سي منصور ميراڻي جيڪو لوڪل آفيسر آهي ان جي موجودگي ۾ وڏي تعداد ۾ خريداري ٿي هيي هن ڀيري ان جي موٽ ۾ ڪٽڪ جي خريداري نه هجڻ جي برابر آهي سڄي ڏينهن ۾ 30 40 ٻوريون اچن ٿيون اسان جي پنهنجي پيٽ جي پوري پي ڪونه ٿي ٿيي ٻچڙا بکون ڪاٽڻ تي مجبور ٿي ويا آهن هنن اهو پڻ چيو ته ڊي سي دادو جي حڪم باوجود به نيون مقرر ڊي ايف سي پي آر سي کي تالا هٽي ڇڏيا آهن پاڻ ويهي به ڪونه ٿو هنن اختيارين کان مطالبو ڪيو ته انساني همدردي جي بنياد تي سندن مسئلو حل ڪيو وڃي هوڏانهن رابطو ڪرڻ تي فوڊ انسپيڪٽر سلطان احمد ڪوسو موقف اختيار ڪيو ته مرڪز کي تالا لڳائڻ جو تاثر درست ناهي، پر بدلي ٿيل فوڊ انسپيڪٽر سيف الله بروهي پاران چارج نه ڏيڻ سبب انتظامي مسئلا پيدا ٿيا آهن هن ٻڌايو ته هڪ يونٽ تي خريداري جاري آهي، جڏهن ته ڪٽڪ جي گهٽ آمد سبب پورهيت پريشان آهن ٻئي طرف خدا آباد سينٽر تي نئون تڪرار سامهون آيو آهي، جتي خوراڪ ڪاتي جي سيڪريٽري ۽ وزير جو لڳل بورڊ مبينا طور عملدارن پاران ڪچري ۾ اڇلائڻ جي وڊيو ۽ تصويرون سوشل ميڊيا تي وائرل ٿي ويون آهن، جنهن بعد معاملو بحث جو موضوع بڻجي ويو آهي ذريعن موجب، بار بار بدلين ۽ انتظامي بي ضابطگين سبب دادو ۾ ڪٽڪ خريداري جو عمل شديد متاثر ٿي رهيو آهي، جڏهن ته پورهيتن سميت آبادگارن ۾ به بيچيني وڌي رهي آهي،

بقايا | عوامي سوچ | 14

ڳ ڳوٺ عرس ملاح ۾ آئيس جي موالي وسيم ملاح نشي جي حالت ۾ پنهنجي ماءُ کي ڪهاڙين جا وار ڪري ٽڙپائي ٽڙپائي قتل ڪري ڇڏيو واقعي جي خبر ٻڌڻ کان پوءِ آس پاس جا مقامي ماڻهون واقعي واري جاءِ تي پهچي ويا ۽ پوليس کي اطلاع ڏنو پوليس موقع واردات تي پهچي لاش ڪٽايو ۽ قاتل پٽ کي پڻ گرفتار ڪري ورتو، وهٽائي شريف جي رهواسين روڊ بند ڪري سخت احتجاج ڪيو ۽ ايس ايس پي بدين ڊي آئي جي حيدرآباد کان اپيل ڪندي چيو ته آئيس جي ڊيلرن ۽ ڳوٺن ۾ آئيس سپلائي ڪندڙن کي گرفتار ڪيو وڃي آئيس جا موالي ڏينهون ڏينهن وڌندا پيا وڃن پر پوليس آئيس کي ختم نه ڪري سگهي آهي جنهن سان هڪ ته نوجوان زندگيون تباهه ڪري رهيا آهن ٻيو چوريون وارداتون قتل پڻ ڪري رهيا آهن انهي تي سخت نوٽس ورتو وڃي

بقايا | عوامي سوچ | 15

جي گهر رپورٽ موجب ايگريڪلچر ڪاتي جي رٽائرڊ ملازم سچي ڏنو عرف گلزار ڏنور احمدپور ۾ احتجاج ڪندي چيو ته محمد پريل جاگيراڻي سان منهنجي دوستي آهي جڏهن ته منهنجي ۽ هن جي زمين به گڏ ورتل آهي ۽ ڪاروبار به گڏ ڪيا آهن جنهن بابت جاگيراڻي برادري جي معززين سميت سڀني کي خبر آهي پر هاڻي محمد پريل جاگيراڻي جو پٽ هادي بخش جاگيراڻي مونکان منهنجي نياڻي جو رشتو پيو گهري جيڪو نه ڏيڻ تي هادي بخش ۽ ان جا پٽ حمزه علي ۽سندس پٽ مونکي زمين مان حصو به نٿا ڏين ابتو مونکي محمد پريل جاگيراڻي سان ملڻ لاءِ وڃان ٿو ته تشدد ڪن ٿا ۽ گارگند ڪرڻ سان گڏ هو موتمار ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن هن چيو ته منهنجي ۽ محمد پريل جاگيراڻي جي گذريل 45 سالن کان دوستي آهي پر ان جو پٽ هادي بخش ۽ ان جا پٽ ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن اگر مونکي ڪجه به ٿيو ته ان جا ذميوار هادي بخش جاگيراڻي ۽ ان جا پٽ هوندا ان موقعي تي هن صوبائي گهرو وزير سميت ٻين اعلي اختيارين کان مطالبو ڪيو ته نوٽيس وٺي زمين مان حصو ڏياري انصاف ۽ تحفظ فراهم ڪيو وڃي،'

بقايا | عوامي سوچ | 16

۾ بيچيني پکڙجي وئي آهي، پوليس موجب مقامي صحافي اعجاز سمون جي اکين ۾ تيزاب پوڻ جو واقعو پيش آيو، جنهن جي رپورٽ اي سيڪشن ٿاڻي تي داخل ڪئي وئي آهي، دادو پريس ڪلب جي سينئر زخمي صحافي اعجاز احمد سمون کي فوري طور اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي سندس اکين جو علاج ڪيو پيو وڃي، پوليس جي ابتدائي جاچ ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته صحافي جي اکين ۾ پينٽنگ ۾ استعمال ٿيندڙ تيزاب لڳو آهي، واقعي بابت پوليس جو چوڻ آهي ته اهو تنوير پينٽنگ شاپ سامهون پيش آيو، جڏهن ته اهو معلوم ڪرڻ لاءِ جاچ جاري آهي ته واقعو حادثاتي هو يا ڄاڻي واڻي حملو ڪيو ويو، پوليس وڌيڪ جاچ ڪري رهي آهي ۽ جلد حقيقتون سامهون آڻڻ جي خاطري ڪرائي وئي آهي، دادو پريس ڪلب جي صدر نظام شيخ ۽ ٻين عهديدارن ۽ ميمبرن واقعي جي شديد مذمت ڪندي ذميوارن خلاف ڪاروائي جو مطالبو ڪيو آهي، ايس ايس پي دادو صدام حسين خاصخيلي سان رابطو ڪيو آهي جنهن معاملي جو نوٽيس ورتو آهي ايس ايڇ او دادو ٻن جوابدارن کي گرفتار ڪيو آهي اصل حقيقتون معلوم ڪرڻ ذميوارن خلاف ڪاروائي لاءِ جاچ جاري آهي،

بقايا | عوامي سوچ | 17

يڪرتريٽ پير هائوس دادو ۾ تعلقي خيرپور ناٿن شاهه جي يونين ڪائونسل چنڊڻ ضلع ڪائونسل ميمبر جو اميدوار اسماعيل لغاري ۽ يونين ڪائونسل ٻوڙڻي مان ضلع ڪائونسل ميمبر نامزد اميدوار امجد علي خان ولد لطف ٻورڙو يونين ڪائونسل ساوڙو پيپلزپارٽي طرفان نامزد اميدوار محمد عظيم ولد جان محمد ٻبر کي بلدياتي ضمني چونڊ 2026 لاءِ پاڪستان پيپلز پارٽي جي نامزد اميدوارن ۾ پارٽي طرفان ٽڪيٽن جي ورڇ ڪئي وئي،ان موقعي تي پارٽي اڳواڻن ممتاز علي جوکيو، امداد حسين ڏاوچ، خالد حسين ميراڻي، شهمير خان چهواڻ، اعجاز حسين چانڊيو، ڪامريڊ نظير احمد قمبراڻي، ڊاڪٽر خليل ۽ سڪندر ڪونهارو، مير مرتضيٰ لغاري، محمد اسلم چهواڻ، زاهد حسين زنگيجو، طاهر حسين لغاري ۽ ٻين اڳواڻن ڪارڪنن پڻ شرڪت ڪئي ۽ اميد ظاهر ڪئي وئي ته پاڪستان پيپلزپارٽي جا اميدوار ڪاميابي حاصل ڪندا

بقايا | عوامي سوچ | 18

ضلعي ٿرپارڪر ۾ هڪ مهيني جي اندر 50 کان مٿي باهه جا واقعا، ڳوٺاڻن جا ڪروڙين رپيا نقصان، فائر برگيڊ گاڏيون سياسي ماڻهن جي اوطاقن ۽ چوپائي مال جي واڙن تائين محدود هجڻ جا انڪشاف. تفصيلن موجب ٿرپارڪر ضلعي اندر مختلف هنڌن تي هڪ مهيني جي اندر باهه جا 50 کان مٿي واقعا رپورٽ ٿيا، جنهنڪري اربين نقصان ٿيو. گذريل ڏينهن ڏيپلو ويجهو ڳوٺ لسيو ۾ باهه سبب ايسر چيلاڻي جي هڪ لانڊي ۽ ان ۾ پيل اٽڪل ڪروڙين رپين جو سمورو قيمتي سامان سڙي ويو. متاثرن ۾ سيٺ آچار، اجمل لالو، تولارام، هٽيرام، ماستر چيتن، بختومل، ڪيول، پڱڙو، آتم ۽ ٻيا شامل آهن. جن جا اٽڪل 50 چونئرا، جهونپڙا سڙي ويا. باهه ۾ چوپايو مال به سڙيو. گذريل ڏينهن ڳوٺ بنسيڊر ۾ سوائي ڪولهي، ميوو ڪولهي، الجي ڪولهي، دليپ ڪولهي جا گهر ۽ سمورو سامان سڙي ويو. ننگرپارڪر لڳ ڳوٺ ويئل ۾ ڪولهي برادري جا چار گهر ۽ ان ۾ پيل سامان سڙي ويو. اسلام ڪوٽ ويجهو ڳوٺ ڳوڙهيار ۾ باهه لڳڻ ڪري 50 گهر سڙي ويا، جڏهن ته ڪروڙن رپين جو سامان پڻ سڙي خاڪ ٿي ويو. ڪجهه ڏينهن اڳ ڳوٺ لالو وهنداڻي وٽ جهنگ ۾ خطرناڪ باهه جو واقعو پيش آيو، جنهن تي ڳوٺاڻن پنهنجي مدد پاڻ ڪنٽرول ڪري ورتو. ڪجهه ڏينهن اڳ ڳوٺ هريار ۾ باهه جو واقعو پيش آيو. ڳوٺ سڳهروڙ کي پڻ باهه لڳي. اهڙي ريت مهيني اندر 50 کان مٿي واقعا پيش آيا پر ڪٿي به فائربرگيڊ موقعي تي پهچي ناهي سگهي. هوڏانهن ٿرپارڪر جي عوام شڪايت ڪئي آهي، ته اڪثر باهه جا واقعا بنا انتظامي مدد ڪرڻ جي ڳوٺاڻا پنهنجي مدد پاڻ ڪنٽرول ڪن ٿا، فائر برگيڊ جون گاڏيون ايمرجنسي جي بنيادن تي به سروس ڏيڻ کان ڪتو جواب ڏيو ڇڏين. جڏهن ته اهي به انڪشاف ٿيا آهن ته فائربرگيڊ گاڏيون سياسي ماڻهن جي مداخلت کان سواءِ غريب ماڻهن کي ايمرجنسي ۾ پڻ سروس نٿيون ڏين. ڳوٺن کي باهه لڳڻ وقت ڀهرين سفارش ڳولي پوي ٿي، تيستائين گهر سڙيو وڃن ۽ ضلعي انتظاميه پڻ سياسي بااثر ماڻهن جي آڏو بيوس بڻيل آهن. نتيجي طور فائربرگيڊ گاڏيون بااثر ماڻهن جي مال جي ديرن تي يا وري نجي اوطاقن تائين پاڻي پرڻ ۾ رڌل هونديون آهن

بقايا | عوامي سوچ | 19

ڻ ۽ ٻين معاملن تي ڳالهيون ڪيون ويون ، رپورٽ موجب احمدپور شهرجي ڪولاچي پاڙي ۾ وقار احمد ڪولاچي جي رهائش گاهه تي ميمڻ محلي جي رهواسين جي هڪ اهم گڏجاڻي قربان لاڪو طارق احمد لاڪو فرحان لاڪو نبيل ميمڻ امير بخش ميمڻ ۽ ٻين شهرين شرڪت ڪئي ان موقعي تي شهرين جو چوڻ هو ته ميمڻ محلي جي بجليءَ جو سڙيل ٽرانسفارمر گذريل ٻن مهينن کان تبديل نه ٿي سگهيو آهي جنهن ڪري رهواسي سخت پريشان آهن جڏهن ته 70 سيڪڙو کان به وڌيڪ بجليءَ جا بل به صارفين جا ڀياريل آهن ان سان گڏ هي بجليءَ جو سڙي ويل ٽرانسفارمر هڪ سئو واٽ وارو آهي جيڪو اوور لوڊ تي وڃڻ ڪري سال ۾ تقريبن چار ڀيرا سڙي ويندو آهي جيڪو هميشه چندو ڪري پئسا ڀريندا آهيون ان سان گڏ ٻيا به ڪيترائي بنيادي مسئلا آهن جيڪي حل نه ٿي سگهيا آهن ان موقعي تي مسئلن جي جلد حل ڪرائڻ لاءِ 8 رڪني ڪاميٽي پڻ جوڙي وئي،

بقايا | عوامي سوچ | 20

ج به ڪيو ويو. لواحقين جو چوڻ آهي ته واقعي جا اصل حقيقتون لڪائڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي. ان سلسلي ۾ متوفي جي پٽ سومر عمراني ميڊيا سان ڳالهائيندي ٻڌايو ته ڪين رات دير سان اطلاع ڏنو ويو ته سندن والد زخمي حالت ۾ اسپتال ۾ آهي، پر جڏهن هو اتي پهتا ته علي شير عمراني اڳ ئي فوت ٿي چڪو هو. هن وڌيڪ چيو ته هوٽل مالڪ جا بيان بار بار تبديل ٿي رهيا آهن— ڪڏهن روڊ تي ڪرڻ ۽ ڪڏهن ڇت تان ڪرڻ جون ڳالهيون ڪيون پيون وڃن، جنهن سبب واقعو وڌيڪ مشڪوڪ بڻجي ويو آهي. ان موقعي تي ويجهي عزيز رفيق عمراني به موجود هو، جنهن مطالبو ڪيو ته واقعي جي مڪمل ۽ شفاف جاچ ڪرائي وڃي، ملوث جوابدارن کي فوري گرفتار ڪري قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي ۽ متاثر خاندان کي انصاف فراهم ڪيو وڃي. علائقي واسين ۽ وارثن اختيارين کان فوري نوٽيس وٺڻ ۽ ذميوارن خلاف سخت ڪارروائي ڪرڻ جو مطالبو ڪيو آهي.

بقايا | عوامي سوچ | 21

سخت احتجاجي مظاهرو ڪندي ڏانهيو ته چونڊيل نمائندا ۽ ضلعي انتظاميا کي بار بار شڪايتون ڪرڻ بعد اسان جو ڪوبه تدارڪ نه ٿي سگهيو آهي ڳوٺاڻن پاران تڪ جي چونڊيل نمائيدن خلاف سخت نعري بازي ڪندي گهر ڪئي ته سندن علائقي سان ٿيندڙ ناانصافين جو خاتمو ڪيو وڃي رپورٽ موجب تنڊوالهيار جي ڳوٺ حاجي ابراهيم ننڈو جي رهواسين حاجي لطف الله درس، محمد اسماعيل درس، مفتي محمد اسحاق درس، هوت ننڈو، حفيظ الله درس، حسيب درس ۽ ٻين چيو ته اسان جي هن روڊ کي نهئي تقريبن 40 سال گذري چڪا آهن پر هن وقت روڊ مڪمل طور کنڊر جو ڏيک ڏئي رهيو آهي جنهن ڪري علائقي واسين کي اچ وڃ ۾ سخت مشڪلاتن جو سامهون ڪرڻو پوي ٿو ڳوٺاڻن وڌيڪ چيو ته چونڊيل نمائندا صرف ووٽ وٺڻ وقت ظاهر ٿين ٿا ان کانپوءِ ڪوبه اسان جي سار سنڀال نٿو لهي اسان ڪافي مرتبا اعليٰ اختيارين کي درخواستون ڏنيون آهن پر ڪو ٻڌڻ وارو ناهي مظاهرين پاران هڪ چرڪائيندڙ انڪشاف ڪندي چيو ته ڪيترائي ڀيرا هن روڊ جا ٽينڊر به ٿيا آهن ۽ ڪاغذن ۾ ڳوٺ حاجي ابراهيم ننڈو جو نالو موجود آهي پر عملي طور سرزمين تي روڊ جو ڪو به وجود ناهي سندن چوڻ هو ته بجيٽ ڪٿي خرچ ڪئي وئي ان جي ڪا خبر ناهي رهواسين سنڌ جي وڏي وزير مڪاني ڪاتي جي وزير ۽ ڊپٽي ڪمشنر تنڊوالهيار کان گهر ڪئي آهي ته روڊ جي معاملي جو فوري نوٽيس ورتو وڃي ڪاغذي ڪارروايون بدران عملي طور روڊ تعمير ڪرائي علائقي جي عوام کي سخت عذاب مان نجات ڏياري وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا | عوامي سوچ | 22

ي اڏي تي سرعام ڪاروبار هلڻ جو انڪشاف ٿيو آهي، جتي وڊيو ثبوتن موجب مبينا طور مسلمانن کي به شراب وڪرو ڪئي پئي وڃي. سوال اهو پيدا ٿئي ٿو ته ڇا قانون صرف ڪتابن تائين محدود ٿي ويو آهي يا لاڳاپيل ادارا واقعي بي خبر آهن؟وڊيو ۾ ڏسي سگهجي ٿو ته هڪ شهري پاران مبينا دڪاندار کان سوال ڪيو ويو ته: "توهان مسلمانن کي شراب ڇو وڪرو ڪري رهيا آهيو؟" پر جواب ۾ خاموشي اختيار ڪئي وئي— شايد ان ڪري جو جواب ڏيڻ مشڪل هو يا سوال کي غير ضروري سمجهيو ويو؟وڌيڪ حيران ڪندڙ ڳالهه اها آهي ته وڊيو ۾ نظر ايندڙ رش بظاهر گهڻو ڪري مسلمانن تي مشتمل لڳي ٿي. جيڪڏهن اهو درست آهي ته سوال صرف وڪرو ڪندڙن تي نه پر خريد ڪندڙن تي به اٿجي ٿو: ڇا اسان پاڻ پنهنجين ذميوارين کان اکيون بند ڪري رهيا آهيون؟هاڻي اصل سوال لاڳاپيل اختيارين کان: ڇا ڪنهن کي هن هنڌ جو علم ناهي؟ڇا ڪنهن جي نظر هن طرف نه وئي آهي؟يا سڀ ڪجهه ڏسي به خاموشي اختيار ڪئي وئي آهي؟شهرين جو چوڻ آهي ته جيڪڏهن اهڙي صورتحال برقرار رهي ته قانون جي عملداري صرف مذاق بڻجي ويندي. اهڙي حالت ۾ ضروري آهي ته اعليٰ اختيارين فوري نوٽيس وٺن، جاچ ڪرائڻ ۽ جيڪڏهن الزام درست ثابت ٿين ته ذميوارن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي وڃي، ٻي صورت ۾ سوال اٿندا رهندا ۽ جواب هميشه وانگر غائب رهندا.

بقايا | عوامي سوچ | 23

سان هلنڊڙ واٽر سپلاءِ اسڪيم جي ڪم تي علائقي واسين اعتراض واري ڇڏيا ... ان سلسلي ۾ رهواسين طارق جانوري ۽ ايس يو پي اڳواڻ خالد لاشاري شمشاد ميٺو مرتضي رند ۽ ٻين چيو ته وڏي جدوجهد بعد ڪروڙين روپين جي اسڪيم ڏني وئي ان ۾ به ڪرپشن سان گڏ غلط پلاننگ تحت ڪم هلايو پيو وڃي ٺيڪيدار ۽ انتظاميا جان ڇڏائڻ لاءِ پائپ لائين زمين ۾ 3 فٽ بجاءِ هڪ فٽ تائين پوري رهواسين کي خوش ڪري پئي جڏهن ته ساڳي ئي لائين جو سياسي بنيادن تي رخ موڙيو پيو وڃي هنن ڊي سي جامشورو سميت اختيارين کان مطالبو ڪيو ته سموري پائپ لائين ڪيڏي بهتر طريقي سان مستقبل بنيادن تي لڳائي وڃي ٻي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو.

بقايا | عوامي سوچ | 24

و گذريل پنجن ڏينهن کان لاپتا آهي وارثن موجب هو سڪرنڊ ٿاڻي تي پڻ ويا، پر پوليس ڪين تسلي بخش جواب ڏيڻ کان لنوائي رهي آهي. مظاهرين خدشو ظاهر ڪيو ته نوجوان کي مبينا طور پوليس گم ڪيو آهي هنن ڊي آءِ جي ۽ ايس ايس پي شهيد بينظيرآباد کان اپيل ڪئي ته معاملي جي شفاف جاچ ڪرائي نوجوان کي فوري طور بازياب ڪرائين

بقايا | عوامي سوچ | 25

گڏ ڪٽيو ويو جنهن ۾ مهمان خاص چيئرمين ٽاؤن ڪميٽي ڪنڊياري عمران فهد وساڻ، نوجوان قيادت وائيس چيئرمين ٽائون ڪاميٽي ڪنڊياري ذيشان محمد هاشم وساڻ، ميمبر ضلع ڪائونسل سانگهڙ شاهجهان شوڪت وساڻ، پ پ پ تعلقو سانگهڙ انفارميشن سيڪريٽري ياسر خان مري،شريڪ ٿيا جڏهن ته صحافين صدر ڪنڊياري پريس ڪلب عقيل احمد وساڻ، سميت پ پ پ مينارٽي ونگ اڳواڻ ضلع سانگهڙ ڊاڪٽر نرسينگ ڪنول، اشوڪ ڪمار آتماڻي، راج مڪيش،مڪيش ڪمار آسناڻي، ڊاڪٽر روشن علي شر، عبدالرحمان عرف صدر چانڊيو، ارشد پناڻ، خان محمد چنڊ، ڪئوڙل ناز منگي،سيٺ ڪندن مل ،نادر مگسي، راشد عرف راشي مگسي، ڪيلاش ڏماڻي، تلومل بيڪاڻي، ڪيلاش ڏماڻي، ڪرمون مل پيل، پيو مل مينگهواڙ، ڪرمچند،جاويد شيخ، ستار خاصخيلي، ٻين پارٽي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن شرڪت ڪئي ڪيڪ ڪاٽيو ويو پارٽي سان وفاداري جو وچن ورجايو ويو ان موقعي تي نثار احمد وساڻ ذيشان وساڻ چيو ته ڪنڊياري جي عوام توڙي ڊويزن شهيد بينظير آباد جي عوام پاڪستان پيپلزپارٽي جي ترقياتي ويزن سان هر ڪارڪن گڏ آهن اسان وٽ ڪا به تبقاتي محدود سوچ ناهي اسان پارٽي ورڪر تي ڪم ڪيو آهي ۽ ڪندا رهنداسين.

بقايا | عوامي سوچ | 26

ائزو ورتو، ريجنل ڊائريڪٽر قيدين سان ملاقات ڪئي ۽ انهن جا مسئلا ٻڌا. هن جيل انتظاميا کي هدايت ڪئي ته قيدين سان انساني همدردي جي بنياد تي ورتاءُ ڪيو وڃي ۽ جيل مينوئل موجب سڀ بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ کي يقيني بڻايو وڃي. هن وڌيڪ چيو ته جيلن ۾ اصلاحي قدمن کي هٿي وٺرائي وڃي ته جيئن قيدي سڌري سماج جا ڪارآمد شهري بڻجي سگهن. دوري دوران جيل سپرنٽنڊنٽ غلام رسول مشوري ريجنل ڊائريڪٽر کي جيل ۾ هلندڙ انتظامي معاملن، سيڪيورٽي انتظامن ۽ قيدين کي ۽ شڪايتن جي ازالي کي يقيني بڻايو ويندو.ان موقعي تي ايڊيشنل ڊائريڪٽر سوشل ويلفيئر مرتضيٰ گوهر، انفارميشن آفيسر شير محمد جمالي، اسسٽنٽ جيل سپرنٽنڊنٽ صدا حسين زرداري ۽ ٻيا لاڳاپيل عملدار پڻ موجود هئا.

بقايا | عوامي سوچ | 27

علي ولد نظر محمد فاروق ولد شوڪت ۽ عائشه ولد اصغر علي رحماني زخمي ٿي پيا جن کي پيپلز ميڊيڪل اسپتال نوابشاهه آندو ويو جتي سندن علاج جاري آهي آخري اطلاع تائين واقعي جو ڪيس داخل نه ٿي سگهيو آهي

بقايا | عوامي سوچ | 28

يس ايل) سيزن 11 جي فائنل لاءِ آن لائين ٽڪيٽن جي وڪرو شروع ٿي ويو آهي. پاڪستان سپر ليگ جي فائنل جون فزيڪل ٽڪيٽون سياڻي صبح کان مقرر ڪيل ڪوريئر سينٽرز تي دستياب هونديون. فائنل ميچ لاءِ ٽڪيٽ جي گهٽ ۾ گهٽ قيمت 1500 رپيا رکي وئي آهي، جڏهن ته سڀ کان مهانگي ٽڪيٽ 12 هزار رپين ۾ ملندي. واضح رهي ته پي ايس ايل 11 جو فائنل 3 مئي تي قذافي اسٽيڊيم لاهور ۾ کيڏيو ويندو. وزيراعظم شهباز شريف پاڪستان سپرليگ جي يارهين ايڊيشن جي فائنل لاءِ تماشائين کي اسٽيڊيم اچڻ جي اجازت ڏني آهي.

بقايا | عوامي سوچ | 29

ي رهيو آهي. جنهن تي سخت ردعمل سامهون اچي رهيو آهي. هڪ صحافي سان ڳالهائيندي، پي ايس ايل فرنچائز ڪوئيٽا گليڊيئيٽرز بيٽر ڪان جڏهن سندس بيٽنگ حڪمت عملي ۽ وڏيون شاٽس هڻڻ لاءِ بالرن کي نشانو بڻائڻ بابت پڇيو ويو ته حسن نواز چيو ته سندس بيٽنگ پنيان ڪا خاص پلاننگ ناهي هوندي. پر هن جو مڃڻ آهي ته بيٽرن کي پارٽي بالرن تي حملو ڪرڻ گهرجي. هن چيو ته "مان پارٽي ٽيم جي هر هڪ بالر سان نفرت ڪريان ٿو، پارٽي ٽيم خلاف هر بال بائونڊري لائين جي پار پهچائڻ جي ڪوشش هوندي آهي. حسن نواز جي ان بيان ڪانپوءِ آن لائين پليٽ فارمز تي بحث شروع ٿي ويو آهي ۽ ڪرڪيٽ مداحن طرفان مختلف تبصرا ڪيا پيا وڃن.

بقايا | عوامي سوچ | 30

ف ڪيو آهي ته ڪيريئر جي منڊ ۾ اداڪارا کي ايئرپورٽ تي مداحن هراسان ڪيو. ذيشان قريشي تازو هڪ انٽرويو ۾ ٻڌايو ته هڪ ڀيري ڪجهه ماڻهن عاليا ڀٽ سان تصويرون ڪڍرائڻ جي درخواست ڪئي پر هجوم وڌندو ويو ۽ صورتحال بي قابو ٿيڻ لڳي. هن چيو ته ماڻهو صفا ويجهو اچي ويا ۽ عاليا ڦاسي پئي، ڪجهه ماڻهن اداڪارا جي جسم جي مختلف حصن کي ڇهڻ جي ڪوشش به ڪئي، جنهن تي هوءَ واضح طور خوفزده ٿي وئي. سندس چوڻ هو ته پوءِ عاليا ڀٽ کي حفاظت سان اتان ڪڍيو ويو ۽ ان ڳالهه کي يقيني بڻايو ويو ته اڳتي اهڙي صورتحال پيش نه اچي.

بقايا | عوامي سوچ | 31

هيلٿ جم جا وقت وڌائڻ جو مطالبو ڪري ڇڏيو. شعيب ملڪ ايڪس تي پنجاب جي وزيراعليٰ کان مطالبو ڪيو ته فٽنيس ۽ هيلٿ جم جا وقت رات 10 وڳي تائين وڌايا وڃن. اڳوڻي ڪپتان چيو ته "ڪاروبار لاءِ وقت جو تعين ڪرڻ سٺي ڳالهه آهي، پر فٽنيس ۽ جم جي حوالي سان وقت تي خاص ڌيان جي ضرورت آهي." هن وڌيڪ چيو ته "آفيسن ۾ ڪم ڪندڙ ماڻهو پنهنجي ڊيوٽي کان پوءِ ئي جم جو رخ ڪندا آهن. صحت خوراڪ وانگر ئي اهم آهي، ان ڪري جم جا وقت 10 وڳي تائين وڌايا وڃن ته جيئن پاڪستان فٽ رهي." ياد رهي ته پنجاب جي وزيراعليٰ مريم نواز جي هدايت تي صوبي ۾ بچت پاليسي تحت قدم کنيا ويا هئا. جاري ڪيل نوٽيفڪيشن موجب، لاهور سميت سڄي پنجاب ۾ دڪان، مارڪيٽون ۽ شاپنگ مالز رات 8 وڳي بند ڪيا ويندا.

بقايا | عوامي سوچ | 32

نامزد شخصيتن جو مبينا منشيات نيٽ ورڪ سان ڪو واسطو ناهي، ان ڪيس ۾ ڪنهن به سليبريٽي جي ملوث هجڻ جون شاهديون ناهن مليون. اهو ڪيس آگسٽ 2022 ۾ ان وقت سامهون آيو هو، جڏهن ممبئي پوليس منشيات فروش سليم سهيل شيخ کي گرفتار ڪيو هو. جوابدار جاچ دوران دعويٰ ڪئي هئي ته هو مختلف تقريبن ۾ شريڪ شخصيتن کي منشيات فراهم ڪندو رهيو آهي.

گمبٽ ۾ دي سمارٽ مائينڊس پبلڪ هاءِ اسڪول جو افتتاح

يوسف سهتو، عبد الصمد پنيرو، فاروق حيدر پنيرو، طلعت سهتو، نديم جراح، بلال ميمڻ مريد حسين گوپانگ ۽ ٻيا

ان موقعي تي آيل مهمانن تي گل نڇاور ڪيا ويا. افتتاحي تقريب ۾ پاڪستان جو قومي جهنڊي جي پرچم ڪشائي ڪئي وئي

قومي ترانو پيش ڪيو ويو. آيل سڀني مهمانن کي سنڌ جي ثقافت اجرڪن ۽ لونگين جا تحفا پيش ڪيا ويا

گمبٽ (رپورٽر) دي سمارٽ مائينڊس پبلڪ هاءِ اسڪول جو افتتاح ڊي اي او غلام حسين هليو ،سابق ڊي اي او سيڪنڊري خيرپور عبدالسميع پنيرو ربن ڪاٽي افتتاح ڪيو جڏهن ته پروفيسر ڊاڪٽر ذوالفقار علي جلباڻي ،پروفيسر امداد حسن سهتو/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر1

15 ڏينهن اڳ ڪارنهن الزام مڙهي بيدردي سان قتل ڪيل ناري روبينا عرف خالدان چانڊيو ڪيس ۾ 10 جوابدار گرفتار

گرفتار جوابدارن پاران روبينا عرف خالدان چانڊيو قتل ڪيس ۾ ملوث روپوش جوابدارن عباس عرف باجو، پهلوان، نورو ۽ ٻين کي پناهه ڏني

جن جي موجودگي جي ڳجهي اطلاع تي جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ڇاپو هنيو هيو جتان قتل ڪيس ۾ ملوث جوابدار فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا

فريادي تي گناهه نمبر 89_2026 آرٽيڪل 216 پي پي سي تحت ڪيس داخل ڪيو ويو جن کي خيرپور جي عدالت ۾ پيش ڪيو ويندو

گمبٽ (رپورٽر) گمبٽ پرسان ٽنڊو مستي جي ڳوٺ ڀٽو چانڊيو اندر 15 ڏينهن اڳ ڪارنهن الزام مڙهي بيدردي سان قتل ڪيل ناري روبينا عرف خالدان چانڊيو ڪيس ويڊيو وائرل ٿيڻ بعد مبينا گرفتار ٿيلن مان ڏهڇڻ مٿان ٽنڊو مستي ٿاڻ/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر2

سيد احمد علي شاهه ذهني توازن درست نه هجڻ سبب پاڻ پنهنجو نازڪ عضو ڪٽي ڇڏيو

سيد احمد علي شاهه ولد موليڏنو شاهه مبينا طور پنهنجي نازڪ عضوي کي ڪٽي ڇڏيو

جنهن بعد ڪيس ڳڻتي جوڳي حالت ۾ سول اسپتال مکلي منتقل ڪيو ويو

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) ميرپور ساڪرو پرسان ٻهارا جو رهواسي نوجوان. سيد احمد علي شاهه. ذهني توازن درست نه هجڻ سبب پاڻ پنهنجو نازڪ /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر3

اوڏيرولال اسٽيشن شهر ۾ رولو ڪتن جو آزار وڌي ويو

چتي ڪتي جي ويڪسين نه هجڻ ڪري رهواسي سخت پريشاني کي منهن ڏيڻ کان پوءِ پرائيويٽ اسپتالن يا حيدرآباد جي سرڪاري اسپتالن وڃن ٿا

ٻن ماڻهن هڪ عورت سميت پورو خان ساهووال کي پڻ چتي ڪتي ڏاڙهي سندس ٻانهه زخمي ڪري ڇڏي

ان صورتحال کي مقامي ماڻهن نظرهيٺ رکندي ٽائون ڪميٽي انتظاميا کي ذميوار قرار ڏنو

اوڏيرولال (رپورٽ منور هنگورو) اوڏيرولال اسٽيشن شهر ۾ رولو ڪتن جو آزار وڌڻ سبب روزانو رهواسي ڪتن جي ڏاڙهڻ جو شڪار بڻجن ٿا. جڏهن ته رورل هيلٿ سينٽر اوڏيرولال اسٽيشن ۾ چتي ڪتي جي ويڪسين نه هجڻ ڪري رهواسي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر4

جانورن جي پالنا واري کاتي ٺٽي توڙي بروڪ طرفان وٽرنري جي عالمي ڏيهاڙي جي موقعي تي هڪ تقريب

(سپوا) جنرل سيڪريٽري سنڌ غلام مهدي ويسر سميت آفيس جي عملي سان گڏ ملازمن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪري يڪجهتي جو اظهار ڪيو

اڄ سڄي دنيا اندر وٽرنري جو عالمي ڏيهاڙو ملهايو پيو وڃي، اسان انهن سان يڪجهتي ڪريون ٿا :ڊاڪٽر فياض وڳڻ

وٽرنري ڊاڪٽر چوپائي مال جي بهتري لاءِ سنو ڪم ڪري انهن جي صحت، کاڌ خوراڪ جو خاص خيال رکن ٿا

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) جانورن جي پالنا واري کاتي ٺٽي توڙي بروڪ طرفان وٽرنري جي عالمي ڏيهاڙي جي موقعي تي هڪ تقريب جانورن جي پالنا کاتي ٺٽي جي آفيس ۾ منعقد ڪئي وئي. جنهن ۾ عالمي بينڪ پروجيڪٽ جي نمائندن سميت /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر5

ضلعي انتظاميه ٺٽو پاران قومي شاهراهه تي قائم ڪيل غير قانوني حدخلين خلاف هڪ دفعو ٻيهر آپريشن شروع

ايڏي سينٽر ٺٽو کان ٽريفڪ چوڪي تائين روڊ جي ٻنهي پاسن تي قائم غير قانوني حدخلين خلاف آپريشن ڪيو ويو

ٺٽي ضلعي ۾ غير قانوني حدخلين خلاف آپريشن جاري آهي، انتظاميه نيڪ نيتي سان ڪم ڪري رهي آهي

ڪافي حد تائين حدخليون ختم ٿي ويون آهن، ماڻهن پاڻمرادو به انتظاميه جي هدايتن تي عمل ڪيو

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) ضلعي انتظاميه ٺٽو پاران قومي شاهراهه تي قائم ڪيل غير قانوني حدخلين خلاف هڪ دفعو ٻيهر آپريشن شروع ڪيو ويو آهي. ٺٽي شهر ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر ٺٽو شاڪر فهيم ۽ اسسٽنٽ مختيارڪار توفيق ميمڻ /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر6

دادو ۾ معصوم ڇوڪرين سان مبينا فحش حرڪتون: متاثر خاندان جو پريس ڪلب آڏو احتجاج

نوجوان منل سولنگي خلاف ننڍي عمر جي پينو فقير ياڻين ڇوڪرين سان مبينا فحش حرڪتون، چنڊ چمڪ ڪرڻ جا سنگين الزام سامهون اچي ويا آهن

بخاري ڪالوني جي رهواسين ننڍي عمر جون فقيرياڻيون سلمه، سون، صنم پنهنجي ماءُ نظيران، ڀائرن سعيد، آصف ڪوسو دادو پريس ڪلب پهچي احتجاج

بااثر ڪيبن هلائيندڙ منل سولنگي جيڪو ڪئبن تي نشي آور سوپاريون زيڊ 21 وڪرو ڪندو آهي

دادو (رپورٽ: محمد رفيق چنه) انڊس گيسٽ هائوس ڪچهري روڊ تي ريڙهي واري ڪيبن هلائيندڙ نوجوان منل سولنگي خلاف ننڍي عمر جي پينو فقيرياڻين ڇوڪرين سان مبينا فحش حرڪتون، چنڊ چمڪ ڪرڻ جا سنگين الزام سامهو/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر7

پينو فقير باااثر ڪئبن هلائيندڙ نوجوان خلاف نياڻين سان فحش حرڪتون ڪرڻ خلاف دادو پريس ڪلب پهچي احتجاج ڪندي انصاف جو مطالبو ڪيو

ميرپورخاص جي ٽائون ڪميٽي مير شيرمحمد ٽالپر جي ملازمن پاران پنهنجي جائز مطالبن لاءِ احتجاج

ملازمن جي پگهار مان ڪٽوتي ڪئي پئي وڃي رهيل پگهارورن نٽيوڏنيو وڃن من پسند ملازمن کي غير قانون پروموشن ڏنا پيا وڃن

جڏهن حقدار کي حق نٿو ملي ملازمن اڳواڻ عبيدالله بنگلاڻي مظهر عباسي ۽ ٻين مطالبو ڪيو

ميرپورخاص (بيوروچيف سومارسميجو) ميرپورخاص جي ٽائون ڪميٽي مير شيرمحمد ٽالپر جي ملازمن پاران پنهنجي جائز مطالبن لاءِ پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪيو احتجاج ڪندڙ ملازم اڳواڻ جو چوڻ هو ته ملازمن جي پگهار مان ڪٽوتي ڪئي پئي وڃي رهيل پگهارورن نٽيوڏنيو وڃن من پسند ملازمن کي غير قانون پروموشن ڏنا پيا وڃن جڏهن حقدار کي حق نٿو ملي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر8

اوڏيرو لعل اسٽيشن سنڌي اَدبي سنگت شاخ جي دُستوري گڏجاڻي

گڏجاڻي ڳوٺ خدا بخش باريجو ۾ نئين چونڊيل سيڪريٽري رشيد راهي جي ميزباني ۾ ٿي گڏري

جنهن جي صدارت سينيئر شاعر حاجي غلام حيدر خاصخيلي ڪئي

اوڏيرو لال (رپورٽ منور هنگورو) اوڏيرو لعل اسٽيشن سنڌي اَدبي سنگت شاخ جي دُستوري گڏجاڻي ڳوٺ خدا بخش باريجو ۾ نئين چونڊيل سيڪريٽري رشيد راهي جي ميزباني ۾ ٿي گذري جنهن جي صدارت سينيئر شاعر حاجي غلام/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر9

احمدپور شهر جي ڪولاچي پاڙي ۾ ميمڻ محلي جي رهواسين جي هڪ اهم گڏجاڻي

گڏجاڻي بجلي جو سڙيل ٽرانسفارمر تبديل نه ٿيڻ ۽ ٻين معاملن تي ڳالهيون ڪيون ويون

گڏجاڻي قربان لاکو طارق احمد لاکو فرحان لاکو نبيل ميمڻ امير بخش ميمڻ ۽ ٻين شهرين شرڪت

احمدپور (رپورٽر) احمدپور شهر جي ڪولاچي پاڙي ۾ ميمڻ محلي جي رهواسين جي هڪ اهم گڏجاڻي بجلي جو سڙيل ٽرانسفارمر تبديل نه ٿي/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر19

ٿرپارڪر ۾ خطرناڪ باهه جا واقعا، اربين رپيا نقصان

فائر برگيڊ چوپائي مال واڙن تائين محدودي جا انڪشاف

ٿرپارڪر ضلعي اندر مختلف هنڌن تي هڪ مهيني جي اندر باهه جا 50 کان مٿي واقعا رپورٽ ٿيا

مٺي (ڊ۔رمحمدرحيم مگريو) ٿرپارڪر ۾ خطرناڪ باهه جا واقعا، اربين رپيا نقصان. فائر برگيڊ چوپائي مال واڙن تائين محدودي جا انڪشاف/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر18

بلدياتي ضمني چونڊ 2026 لاءِ پاڪستان پيپلزپارٽي طرفان نامزد اميدوارن ۾ ٽڪيٽ جي ورڇ

پاڪستان پيپلز پارٽي جي نامزد اميدوارن ۾ پارٽي طرفان ٽڪيٽن جي ورڇ ڪئي وئي

اميد ظاهر ڪئي وئي ته پاڪستان پيپلزپارٽي جا اميدوار ڪاميابي حاصل ڪندا

دادو (رپورٽ: محمد رفيق چنه) پاڪستان پيپلزپارٽي ضلع دادو جي صدر ۽ ايم پي اي بئريسٽر پير مجيب الحق پاران پيپلزس/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر17

تيزاب لڳڻ جو مبينا واقعو، جاچ شروع 2 ڄڻا گرفتار

پوليس موجب مقامي صحافي اعجاز سمون جي اکين ۾ تيزاب پوڻ جو واقعو پيش آيو

دادو (رپورٽ: محمد رفيق چنه) دادو شهر جي موبائيل مارڪيٽ واري روڊ تي صحافي سان پيش آيل مبينا تيزاب گردي جي واقعي بعد صحافين/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر16

ايگريڪلچر کاتي جي رٽائرڊ ملازم جو دوست جي پٽ پاران موٽمار ڌمڪيون ڏيڻ خلاف احتجاج

محمد پريل جاگيراڻي سان منهنجي دوستي آهي منهنجي ۽ هن جي زمين به گڏ ورتل آهي

ڪاروبار به گڏ ڪيا آهن جنهن بابت جاگيراڻي برادري جي معززين سميت سڀني کي خبر آهي

احمدپور (رپورٽر) ايگريڪلچر کاتي جي رٽائرڊ ملازم جو احمدپور ۾ سندس دوست جي پٽ پاران موٽمار ڌمڪيون ڏيڻ خلاف احتجاج انصاف/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر15



بدين ۾ آئيس جو ڪاروبار وباءُ بيماري جيئان پکڙجي ويو آئيس جي موالي هٿان جيجل ماءُ قتل

موالي وسيم ملاح نشي جي حالت ۾ پنهنجي ماءُ کي ڪهاڙين جا وار ڪري ٽڪ ٽڪ ڪري قتل ڪري ڇڏيو

واقعي جي خبر پوڻ کان پوءِ آس پاس جا مقامي ماڻهون واقعي واري جاءِ تي پهچي ويا

بدين (رجب راهمون) بدين ۾ آئيس جو ڪاروبار وباءُ بيماري جيئان پکڙجي ويو آئيس جي موالي هٿان جيجل ماءُ قتل. تفصيل . بدين وهٽائي شريف ل/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر14

دادو ۾ ڪڻڪ خريداري مرڪز تڪرار جو شڪار، پورهيتن جو احتجاج

هڪ مهيني اندر چار ڊي ايف سي آفيسرن جون بدليون ۽ فوڊ انسپيڪٽرن جي مٺاسٽا سبب نظام درهم برهم ٿي ويو آهي

جنهن ڪري مرڪز بند ٿيڻ سان هو بيروزگار ٿي ويا آهن احتجاج ڪندڙ پورهيتن ڏانهن ڪئي

دادو (رپورٽ: محمد رفيق چنه) دادو ۾ خوراڪ کاتي جي عملدارن پاران ڪڻڪ جي خريداري مرڪز کي تالا لڳائڻ خلاف گدامن تي ڪم ڪندڙ/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر13

پوليو مهم کي ڪامياب بڻائڻ لاءِ جنگي بنيادن تي قدم کڻڻا پوندا: ڊپٽي ڪمشنر

اهي پوليو مهم دوران غير تسلي بخش ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ پوليو ٽيمن جي سڃاڻپ ڪن

انهن کي انهن جي ڪارڪردگي بهتر بڻائڻ لاءِ ذميوار بڻائين ۽ پوليو ٽيمن جي ڪارڪردگي جي نگراني ڪن

ميرپورخاص (بيوروچيف سومارسميجو) ڊپٽي ڪمشنر نواب سمير حسين لغاري چيو آهي ته پوليو جو خاتمو ڪرڻ تمام ضروري آهي، تنهن ڪري/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر12

ڪوهستان جي ناماري سنڌي ثقافت جو امين چاچا عبدالرحمان جوکيو لاڏاڻو ڪري ويو

قديمي سنڌي ورثي جي سڃاڻپ چاچا عبدالرحمان جوکيو آريپوتو، قضا ڪندي خالق حقيقي سان وڃي مليو

مرحوم جو جنم گهاري لڳ ڪوهستان جي تاريخي ڳوٺ نبي بخش جوکيو ۾ ٿيو هو

گهارو (رپورٽر) اسان جي صحافي ست جي ساٿي سائين سليمان جوکيو جو چاچا، ڪوهستان جي ٻهر، مهمان نوازي ۽ قديمي سنڌي ورثي جي سڃاڻپ/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر11

مڪلي ٿاڻي جي حد اندر بي دردي سان قتل ڪيل هريش جي قتل ڪيس ۾ اڄ مڪلي ڪورٽ ۾ ٻڌڻي

ان موقعي تي مهيشوري ايڪشن ڪميٽي جي اڳواڻ ويراڳ مل پڻ ساٿين گڏ موجود هو

حڪومت سنڌ ۽ وزيراعليٰ سنڌ جي معاون خصوصي راج وير سنگھ سوڍا پڻ اڳ ئي نوٽيس ورتو هو

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) ڪافي مهينا اڳ مڪلي ٿاڻي جي حد اندر بي دردي سان قتل ڪيل هريش جي قتل ڪيس ۾ اڄ مڪلي ڪورٽ ۾ ٻڌڻي ٿي، ج/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر10

هڪ نجي هوٽل ۾ ڪم ڪندڙ محنت ڪش علي شير عمراڻي جي پراسرار موت علائقي ۾ سنسني پيدا ڪري ڇڏي

وارثن هوٽل مالڪ تي تشدد ڪري قتل ڪرڻ جو سنگين الزام هنيو آهي، اسپتال ٻاهران سخت احتجاج به ڪيو ويو

ڪين رات دير سان اطلاع ڏنو ويو ته سندن والد زخمي حالت ۾ اسپتال ۾ آهي، پر جڏهن هو اتي پهتا ته علي شير عمراڻي اڳ ئي فوت ٿي چڪو هو

هوٽل مالڪ جا بيان بار بار تبديل ٿي رهيا آهن۔ ڪڏهن روڊ تي ڪرڻ ۽ ڪڏهن ڇت تان ڪرڻ جون ڳالهيون ڪيون پيون وڃن

سانگهڙ (رپورٽر) هڪ نجي هوٽل ۾ ڪم ڪندڙ محنت ڪش علي شيرعمراڻي جي پراسرار موت علائقي ۾ سنسني پيدا ڪري ڇڏي آهي. وارثن هوٽل مالڪ تي تشدد ڪري قتل ڪرڻ جو سنگين الزام هنيو آهي. اسپتال ٻاهران سخت احتجا/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر20

ٽنڊوالهيار جا رهواسي 40 سالن کان بنيادي سهولتن کان محروم روڊ جي مرمت نه ٿيڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

ڳوٺ جي سوين مردن ٻارڙن پاران روڊ جي بدترين حالت ۽ مرمت نه ٿيڻ خلاف سخت احتجاجي مظاهرو

چونڊيل نمائندا ۽ ضلعي انتظاميا کي بار بار شڪايتون ڪرڻ بعد اسان جو ڪو به تدارڪ نه ٿي سگهيو آهي

ڳوٺاڻن پاران تڪ جي چونڊيل نمائيدن خلاف سخت نعري بازي ڪندي گهر ڪئي ته سندن علائقي سان ٿيندڙ ناانصافين جو خاتمو ڪيو وڃي

ٽنڊوالهيار (رپورٽر) ٽنڊوالهيار جي ڳوٺ حاجي ابراهيم ننڊو جا رهواسي 40 سالن کان بنيادي سهولتن کان محروم روڊ جي مرمت نه ٿيڻ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ڳوٺ جي سوين مردن ٻارڙن پاران روڊ جي بدترين حالت ۽ مرمت نه ٿيڻ خلاف/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر21

ٽنڊوالهيار جا رهواسي 40 سالن کان بنيادي سهولتن کان محروم روڊ جي مرمت نه ٿيڻ خلاف احتجاج ڪندي

ڄامشورو ۾ سرعام شراب جو ڪاروبار هلڻ جو انڪشاف

ڄامشورو (رپورٽر) ڄامشورو شهر جي حساس علائقي، ٽاٽو ڄامشورو جي حدن اندر هڪ مبينا شراب ج/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر22

ڪوٽڙي سائيٽ ۾ واٽر سپلاءِ اسڪيم ۾ ڪرپشن جو انڪشاف

ڄامشورو (رپورٽر) ڪوٽڙي سائيٽ جي پوپٽ ڪالوني واري علائقي لاءِ ڪروڙين رپيين جي لاڳت/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر23

سڪرنڊ ۾ گم ٿي ويل ڳوٺ علي خان بروهي جي نوجوان منور بروهي جي وارثن پاران احتجاج

منوّر بروهي مزدوري ڪري پنهنجو گذر سفر ڪندو هو، جيڪو گذريل پنجن ڏينهن کان لاپتا آهي

سڪرنڊ ٿاڻي تي پڻ ويا، پر پوليس ڪين تسلي بخش جواب ڏيڻ کان لنوائي رهي آهي

نوابشاهه (رپورٽر) سڪرنڊ شهر جي سئنيما چوڪ تان پنج ڏينهن اڳ مبينا طور گم ٿي ويل ڳوٺ علي خان بروهي جي نوجوان منور بروهي جي وارثن پاران نوابشاهه پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو جتي سندس ڀائرن عامر بروهي، ماجد بروهي، صدام بروهي ۽ غلام علي بروهي ۽ ٻين صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته منوّر بروهي مزدوري ڪري پنهنجو گذر سفر ڪندو هو، جيڪ/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر24

ڪنڊياري: فريال ٽالپر جي سالگرهه تقريب، ڪيڪ ڪاٽيو ويو

عمران فهد وساڻ، ذيشان محمد هاشم وساڻ، شاهجهان شوڪت وساڻ، ياسر خان مري ۽ ٻيا شريڪ ٿيا

اسان ووٽ ڪا به تبقاتي محدود سوچ ناهي، اسان پارٽي ورڪر ٿي ڪم ڪيو آهي ۽ ڪندا رهنداسين

ڪنڊياري (رپورٽر) وساڻ هائوس تي پاڪستان پيپلزپارٽي جي اڳواڻ ميڊم فريال ٽالپر جي 68 هين سالگرهه جو ڪيڪ نثاراحمد وساڻ ڊويزنل پريزيڊنٽ پاڪستان پيپلزپارٽي ڪلچرل ونگ شهيد بينظير آباد پاران اڳواڻن پارٽي عهديدارن سان/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر25

ريجنل ڊائريڪٽر محتسب اعليٰ شهيد بينظيرآباد جو ڊسٽرڪٽ جيل جو دورو

هن دوري دوران جيل جي مختلف حصن جو معائنو ڪيو ۽ قيدين کي مهيا ڪيل سهولتن جو جائزو ورتو

ريجنل ڊائريڪٽر قيدين سان ملاقات ڪئي ۽ انهن جا مسئلا ٻڌا. هن جيل انتظاميا کي هدايت

قيدين سان انساني همدردي جي بنياد تي ورتاءُ ڪيو وڃي ۽ جيل مينوئل موجب سڀ بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ کي يقيني بڻايو وڃي

نوابشاهه (رپورٽر) ريجنل ڊائريڪٽر محتسب اعليٰ شهيد بينظيرآباد خان محمد زرداري ڊسٽرڪٽ جيل شهيد بينظيرآباد جو دورو ڪيو. هن دوري دوران جيل جي مختلف حصن جو معائنو ڪيو ۽ قيدين کي مهيا ڪيل سهولتن جو ج/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر26

نوابشاهه: ريجنل ڊائريڪٽر محتسب اعليٰ شهيد بينظيرآباد جو ڊسٽرڪٽ جيل جو دورو ڪندي

نوابشاهه ۾ سڱاوتي معاملي تان رحماني برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، 5 ڄڻا زخمي

لٺيون ۽ سروٽا لڳڻ سبب علي اصغر ولد نظر محمد رحماني احمد علي ولد علي اصغر اختر علي ولد نظر محمد فاروق ولد شوڪت ۽ عائشه ولد اصغر علي رحماني زخمي ٿي پيا

جن کي پيپلز ميڊيڪل اسپتال نوابشاهه آندو ويو جتي سندن علاج جاري آهي آخري اطلاعن تائين واقعي جو ڪيس داخل نه ٿي سگهيو آهي

بي سيڪشن ٿاڻي جي حد مريم روڊ تي سڱاوتي معاملي تان رحماني برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو ٿي پيو

نوابشاهه (رپورٽر) بي سيڪشن ٿاڻي جي حد مريم روڊ تي سڱاوتي معاملي تان رحماني برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ لٺيون ۽ سروٽا لڳڻ سبب علي اصغر ولد نظر محمد رحماني احمد علي ولد علي اصغر اختر/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر27

پي ايس ايل 11 جي فائنل لاءِ ٽڪيٽن جو وڪرو شروع، اگهه سامهون اچي ويا

پاڪستان سپر ليگ جي فائنل جون فزيڪل ٽڪيٽون سڀاڻي صبح کان مقرر ڪيل ڪوريئر سينٽرز تي دستياب هونديون

سڀ کان مهانگي ٽڪيٽ 12 هزار رپيين ۾ ملندي، پي ايس ايل 11 جو فائنل 3 مئي تي قذافي اسٽيڊيم لاهور ۾ کيڏيو ويندو

وزيراعظم شهباز شريف پاڪستان سپر ليگ جي يارهين ايڊيشن جي فائنل لاءِ تماشائين کي اسٽيڊيم اچڻ جي اجازت ڏني آهي

لاهور (اسپورٽس نيوز) پاڪستان سپر ليگ (پي ا/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر28

"پاڪستان کي فٽ رکڻ لاءِ جم جا وقت وڌايو" شعيب ملڪ جو مريم نواز کان مطالبو

ڪاروبار لاءِ وقت جو تعين ڪرڻ سٺي ڳالهه آهي، پر فٽنيس ۽ جم جي حوالي سان وقت تي خاص ڌيان جي ضرورت آهي

آفيسن ۾ ڪم ڪندڙ ماڻهو پنهنجي ڊيوٽي کان پوءِ ئي جم جو رخ ڪندا آهن، صحت خوراڪ وانگر ئي اهم آهي

سيالڪوٽ (اسپورٽس نيوز) پاڪستان ڪرڪيٽ ٽيم جي اڳوڻي ڪپتان شعيب ملڪ پنجاب جي وزيراعليٰ مريم نواز کان فٽنيس ۽ /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر31

مان پارٽي ٽيم جي هر بالر سان نفرت ڪريان ٿو: حسن نواز

لاهور (اسپورٽس نيوز) پاڪستاني نوجوان بيٽر حسن نواز پارٽي بالرن بابت ڏنل هڪ تڪراري بيان سوشل ميڊيا تي تيزي سان وائرل ٿ/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر29

ماڻهن تصويرون ڪيرائڻ بهاني عاليا ڀٽ جي جسم جي مختلف حصن کي ڇُهيو: باڊي گارڊ جو انڪشاف

ممبئي (شوبز نيوز) بالي ووڊ اداڪارا عاليا ڀٽ جي اڳوڻي باڊي گارڊ ذيشان قريشي انڪشا/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر30

شرڌا ڪپور ۽ نورا فتحي کي 2022 جي ڊرگ ڪيس ۾ ڪلين چٽ ملي وئي

جاچ مڪمل ٿيڻ ڪانپوءِ اهو واضح ٿي ويو آهي ته شرڌا ڪپور، نورا فتحي ۽ ٻين نامزد شخصيتن جو مبينا منشيات نيٽ ورڪ سان ڪو واسطو ناهي

ڪيس آگسٽ 2022 ۾ ان وقت سامهون آيو هو، جڏهن ممبئي پوليس منشيات فروش سليم سهيل شيخ کي گرفتار ڪيو هو

ممبئي (شوبز نيوز) بالي ووڊ اداڪارا شرڌا ڪپور ۽ رقاصه نورا فتحي کي 2022 جي ڊرگ ڪيس ۾ ڪلين چٽ ملي وئي. پوليس اختيارين موجب جاچ مڪمل ٿيڻ ڪانپوءِ اهو واضح ٿي ويو آهي ته شرڌا ڪپور، نورا فتحي ۽ /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر32